مجموعة الاشعار



شاعر

شیخ التفسیر والحدیث حضرت علامہ مولانا

الحاج محمد ادريس ڈاهري نقشبندي

مجموعة الاشعار

شاعر

مفسرِ قرآن شيخ الحديث

حضرت علامہ و مولانا الحاج محمد ادريس ڈاهري

مدظلہ العالي

شايع كندڙ

اداره خدمتہ القرآن و السنتہ

شاهپور جهانيان،

ضلع نوابشاهہ.

كتاب جو نالو: **مجموعة الاشعار**

شاعر: مفسر قرآن شيخ الحديث حضرت
علامہ مولانا الحاج محمد ادريس ڈاهري
مدظلہ العالي

تاريخ اشاعت: ربيع الاول ۱۴۲۸ اپريل 2007

تعداد: 1000

قيمت: 100

شايع كندڙ: اداره خدمة القرآن والسنۃ شاهپور
جهانيان ضلع نوابشاهہ

ڇپيندڙ: نيو گرين پرنٽرس، صدر حيدرآباد
فون :2784848

فهرست

حمدِ توحيد باري تعالىٰ



حمد

ٽلهه: آ پاڪ ذات تنهنجي تون بيمثال آهين
سؤ سال جي مئل کي تو ساهه بخشين سائين

١: موسىٰ نبي بچائي فرعون ڪنهن ٻوڙايو؟
حضرت خليل کي جڏهن نمرود ٿي ساڙايو
آڙاهه باهه جي مان پيو باغ تون بنائين

٢: اسماعيل کي خنجر جي هيٺان هو ڪنهن بچايو؟
زڪريا جهڙي نبي کي ڪنهن ڪرت سان ڪپايو؟
تون بي نياز باري اهڙا حڪم هلائين

٣: يوسف نبي کي مولا ڪيئن ڪوهه ۾ وڌو ويو؟
پهتو جڏهن مصر ۾ وري قيد ڪيئن ڪيو ويو؟
پيارن پيغمبرن کي سختيون سوين سهائين

٤: صديق ۽ نبي سائين جڏهن غار ۾ رهيا هئا
ڪافر اچي مٿان ڪيئن واپس وري ويا هئا
تون غار جي مٿائون ڪيئن ڄار پيو رکائين

٥: ادريس جو عرض ٻڌ بيحد بيڪار آهي
رحمت ۾ تنهنجي عاجز اميدوار آهي
استاد، ماءُ، پيءُ سان داخل جنت ڪرائين

حمد

ٽلهه: خدا وند ذات تنهنجي آهي لايزالي
پيغمبر ۽ پير تو در سڪندر سوالي

١: رهن ٿا زمين ۾ جڏا جيت ڪيئي
رسائين رزق انهن کي پيا ڪائن سيئي
تنهنجون قدرتون اي قادر! نظر آ نرالي

٢: عجب شان تنهنجو جڏا تو جيارين
قوي جوان ڪيڏا مولا هٿان موت مارين
حڪم تو هلائين هر جاءِ تون جانب جلالي

٣: وسيل ڳوٺ ڪيئي ڪرين برباد تون
ڦتل واهڻ امر سان ڪرين پيو آباد تون
وٽئي جيئن ڪرين تيئن تون اي هرشيءِ جا والي

۴: نہ تنهنجو شريڪ ڪوئي نڪو تنهنجو ثاني
باقي آهي ذات تنهنجي ٻي هر چيز فاني
ڏنئي محبوب مدني واهرو صالي

٥: اجها ادريس تي ڪر عنايت عجيبا
پسائج محمد مدني حضرت حبيبا
ملائج مديني وارو بحربي مثالي

حمد

ٿلهه: تنهنجي ذات آبي مثل بي نظير
بلاشڪ علىٰ ڪل شيءِ قدير

۱: تون حي قيوم قديم ڪريم
تون رب غفور رؤف رحيم
مٺا اسم تنهنجا لطيف خبير

۲: تون معبود بالحق مالڪ مٺو
اسان آندو ايمان آ اڻ ڏٺو
مجيون ٿا ته مولا تون قربن ڪثير


۳: منيءَ مان ڪري پيدا انسان کي
وڏايئي سين ڪان سندس شان کي
سڏي توکي سڀڪو صغير و ڪبير

۴: نوازين ته جاهل مان عالم ڪرين
گداگر کي دنيا جوحاڪم ڪرين
برابر تو اڳيان غريب و امير

۵: بچايئي پنهنجي دوست کي باهه مان
ڪيئي پار موسىٰ کي درياهه مان
ٻڌين ۽ ڏسين تون سميع بصير

٦: جيارين تون جڏڙا ٿو مارين جوان
هلي چون چرا تو اڳيان ڪنهن جي ڪانه
ڪيا توئي پيدا پيغمبر ۽ پير

۷: ڏسي حــال هيــٺــا ڪجان يـال تون
قــبــولين هي ادربس جو ســوال تون
تنهنجي در تان خالي نہ ويو ڪو فـقـيـر



رب جي ذڪر جي تلقين

ٿلهه: الله الله اسم خدا جو جنهن به ڪمايو ڪامل ٿيو
بي ديني بچڙائيءَ کان جنهن پاڻ بچايو - ڪامل ٿيو

١: ذڪر سان قلب منور ٿيندو - اندر ۾ عشق حضور جو ايندو
محبت جو ميدان مڙس ٿي جنهن به ملهايو- ڪامل ٿيو

٢: ذڪر ڪندؤ جي فرش مٿانهون - ياد ڪنڌو رب عرش مٿانهون
ذاڪر شاڪر ٻانهن کان جنهن فيض پرايو - ڪامل ٿيو

٣: جوانسان گناهه ڪري ٿو - توبه سان جڏهن رب ڏي وري ٿو
روئي روئي پنهنجو پرور جنهن پرچايو - ڪامل ٿيو

٤: اهلسنت وارو عقيدو - آهي بلاشڪ برگزيدو -
پڪو سني رهي نينهن نبي سان جنهن به نباهيو - ڪامل ٿيو

٥: نبي جي هر سنت سونهاري - آهي بلاشڪ برڪت واري
سنت مصطفويءَ تي عمل جنهن ڪيو ڪرايو - ڪامل ٿيو

٦: گستاخن جي ٽولي ۾ جو - رهندو هوندو رولي ۾ سو
عقيدو عشق نبي وارو جنهن رکيو رکايو - ڪامل ٿيو

٧: ذڪر سان رحمت وسندي آهي - عشق واري اک ڏسندي آهي
ڪامل مرشد ڪريم وٽ جو ادب سان آيو - ڪامل ٿيو

٨: ڏاهري ڏاج ذڪر سان ملندا - ذاڪر ٻانها خوش ٿي ڪلندا
ادريس اسمِ ذات اندر ۾ جنهن به پچايو - ڪامل ٿيو

توحيد جو عقيدو

ٹلھ: هڪ آ هڪ آ هڪ آ. الله اسان جو هڪ آ
ٻئي کي نہ الله مڃيندا سون هي مڄڻ صريح شرڪ آ

١: توحيد عقيدو پڪو اسان جو، يار يقين آ يڪو اسانجو
ڪافر منڪر مشرڪ نہ آهيون، پوءِ ڇا جو شرير کي شڪ آ

٢: ڪائنات سڄي جنهن ٺاهي آ، سو سڀني جو والي واهي آ
ڪائنات جي ذري ذري جو، هڪ اُهو مڃتو مالڪ آ

٣: سج ۽ چنڊ جو نظام نهاريو، باريءَ آهي ڪيئن بيهاريو
ڪڏهن سرديءَ سان ڪڏهن گرميءَ سان رب قائم ڪئي رونق آ

۴: اُن جو شريڪ ۽ ثاني ناهي - باقي آ اُهو فاني ناهي
دائم قائم قيوم مڃتو - رب سڀني جو رازق آ

٥: مدني محابي معافي ڏيندو - ڏاهري ڏوهہ اُهو بخشيندو
مجرم لاءِ شفاعت ثابت آهيئن فرمايو فائق آ

٦: ادريس آ الله تعالىٰ، ذات صفات ۾ برتر بالا
هر ننڍي وڏي شيءِ ان خلقي اهوسڀني جو خالق آ



بيت الله شريف جي پلائي

ٿلهه: واه منهنجي مالڪ جو گهر بيت الله آ
ساري دنيا تي ڌري - پاڻ ڏنائين قبلو ڪري
واه منهنجي مالڪ جو گهر بيت الله آ

١: دنيا ۾ پيو گهر ڪو نه هو - اول الله هي گهر رکيو
طواف سان پيڙي تري - پاڻ ڏنئين =====

٢: آدم سهڻي تي تيو ڪرم، سهڻو مليو ان کي حرم
سڪ وارن جي نه تي سري پاڻ ڏنائين قبلو ڪري ====

٣: چئني طرفن کان اچن - دل سان تا جي ديدار ڪن
وجن تا جهوليون ڀري - پاڻ ڏنئين قبلو ڪري واه ===

٤: رڪن يماني ۽ حجر - اسود آ پيارو پٿر
تجي نه تن کان پل پري پاڻ ڏنائين قبلو ڪري واهه ====

٥: مقام ابراهيم آ - هتي پياري حطيم آ -
شمع عشق جي تي ٻري پاڻ ڏنائين قبلو ڪري - واهه منهنجي مالڪ جو گهر --

ادريس جي آ التجا - مولا ڏسان مروه، صفا
دل تي اهي دعائون گهري - پاڻ ڏنائين قبلو ڪري واهه =====

مناجات

ٽلهه: عرض عاجز جا اگهائي ڪر اجابت يا خدا
دين ۽ دنيا سندي ڏي تون سعادت يا خدا

۱: نفس چڙيو آنهوڙي ڪانہ ٿي نيڪي پڇي
حال هيٺو آهي هردم ڪر حمايت ياخدا

۲: خوار يا بدڪار هان تہ بہ امتي احمد سندو
جنهن جي آ مقبول تنهنجي در شفاعت يا خدا

۳: مصطفیٰ صدقي مڙيئي مشڪلاتون معاف ڪر
ڪر هدايت ڪاڪرم سان تا قيامت يا خدا

۴: انبيائن سڀ صحابن اهل بيتن واسطي
۽ مهابي ڪل ڪامل - باولايت ياخدا

۵: همنشيني اوليائن جي تون ڪر مون کي نصيب
جي هجن ڪامل ۽ صاحب استقامت ياخدا

٦: قلب منهنجو نور ڪر ۽ فيض سان پرپور ڪر
شيطان دشمن دور ڪر جنهن ڪئي عداوت ياخدا

۷: اوليائن جي قدم جي خاڪ ٿي خادم رهان
تا رهي منهنجو عقل ايمان سلامت ياخدا

٨: دل چوي ٿي مصطفىٰ محبوب مدني سان ملان
جنهن کئي کل انبيائن جي قيادت يا خدا

٩: جي ڪچايون مون ڪيون ڪر بخش پنهنجي ڪرم سان
آهيان بدڪار بچڙو ڏي هدايت يا خدا

١٠: تون نہ بخشين ڪير بخشي ڏاهريء جا ڏوهہ سڀ
نااهل تي ڪر نوازش بي نهايت يا خدا

١١: عاجزانہ التجا ادريس جي مولا اگهاء
گنبذ خضرىٰ سندي ڪريان زيارت يا خدا



نعت ِ رسالت



رسالت جو عقيدو

ثلهه: حق آ حق آ حق آ، محبوب محمد حق آ
ايمان اسان آندو ان تي، سو رسولِ خدا لاشڪ آ

١ : انجي نبوت ان جي رسالت قائم آهي تائين قيامت
ان تي ٿي نبوت ختم متا هيئن فرمايو فائق آ

٢ : سيئي ڪيا رب ان جا امتي ارض وسما سڀ ان جا امتي
سيني ڪلمون پڙهيو ان تي پوء جن انس يا ملڪ آ

٣ : سيئي ان سهڻي جا سلامي، ڏين حُوررون غلمان غلامي
دنيا عقبئ ۾ امت ڪي ڪم ايندو پيارو سو پڪ آ

٤ : حجر شجر جانب لاء جهڪيا تي جيت جڙا سڀ ان لاء سڪياتي
نرمل آنوازيندو سڀ ڪي توڙي ڪو نالائق آ

٥ : ان جي آ ذات صفات پياري ڪهڙي لکان مان نعت پياري
جيڪو آيو خالي نه ويو ڪئي مهر متس مالڪ آ

٦ : جابر جا پٽ دعا سان جيئرا ٿيا جڏهن ڪيا پورل پيرا
ادريس اصل ڪان عشق وارن جي لاء هي سهڻو سبق آ

نعت شريف ۱

ٿلهه: اسان بيڪس ۽ ضعيفن جو ضامن دنيا آخرت ۾ منو مصطفیٰ آ
قبر ۽ حشر ۾ سو هيٺن جوحامي برن سان پلايون ڪندڙ باوفا آ

۱: جتي ماءُ پيءُ ۽ ٻچڙا پيارا، مٽ مائٽ يائر دلي دوست سارا
نه پنهنجو ڪندا اُت شفاعت ڪندڙ، سو حبيب خدا دلبر بادل صفا آ

۲: آئي عيد پندرهين شعبان واري، ڪائي طعام خوش ٿي سُتي خلق ساري
گهري دعائون روئي جنت البقيع ۾ جڏن ڪاڻ جانب ڪئي ڪيڏي جفا آ

۳: گنهگار گندڙا سندس ئي سهاري، يقين آهي يارونه وهندو وساري
سدا غم امت جو آ غمخوار ان ڪي سندس صدقي رب پاڪ ڏيندو شفا آ

۴: جيڪي رات ڏينهان ڪنداها گلاٿون، انهن لاءِ به دلبر گهريون ٿي دعائون
چڱن سان چڱايون ته هر ڪو ڪندو پر برن ڪي به ننگدار ڏيندو نفعا آ

۵: اي ادريس زنده اسان جو نبي آ جهانن لاءِ آيو ٿي رحمت ربي آ
سوالي نه خالي چڏيندو محمد، اسان آزمائي ڏٺو ڪئين دفعا آ



نعت شريف ٢

ٽلهه: بيشڪ اوهانجو اعلىٰ سردار شان آ
جبريل تنهنجي در جو دائم دربان آ

١: جي روح آهي عيسىٰ موسىٰ ڪليم آ
وڏ مهربان اوهان تي آگو عليم آ
ساري دنيا اي سائين حُب ۾ حيران آ

٢: الله پاڻ تنهنجي سرور ثنا ڪئي
توتي صلوٰة رب ۽ ملڪن منا پڙهي
سائين انهي جو شاهد رب جو قرآن آ

٣: ديدار ساڻ سهڻا سجدا وٽن ڪيا
ڪافر ڏسي مڪي جا آقا عجب ۾ پيا
مک ڪين وينتي بُت تي نوري نشان آ

۴: پاچو پرين اوهان جو پٽ تي ڪڏهن نه پيو
آگر سندي اشاري سان چنڊ به اڌ ٿيو
محبت وارن مڃي هي آندو ايمان آ

٥: ادريس جي آ توکي محبوب پاڪ پارت
دنيا ۽ آخرت ۾ سهڻا ڪجان شفاعت
ديدار لاءِ دل اي مدني مستان آ

نعت شريف ٣


ٿلهه: مدني مٺا اوهان جو ڪيڏو ڪمال آ
وڏ مهربان اوهان تي رب ذوالجلال آ

١: موسىٰ کي "لن تراني" آيوجواب ۾
جانب گهمئين جسم سان رب جي جناب ۾
ايڏو اوهان جورب سان والي وصال آ

٢: عيسىٰ اوهان جو امتي ۽ ملڪ خاص خادم
سڪندر ۽ دارا جهڙا دربان درجا دائم
سيني جوهي خدا کان سهٽل سوال آ

٣: ساراهيو اوهان کي قادر ڪلام ۾
آگي ڏنو اوهان کي سڀ ڪجهه انعام ۾
هرگز نه تنهنجو ثاني ڪو مٺ مثال آ

٤: ادريس کي مديني مرسل آٿائيو
نوڪر ڪري اي رهبر درتي رهائيو
جانب جدا اوهان کان ٿيو هيٺو حال آ



نعت شريف ۴


طرز: گهر سر وبو ته پرواهه ناهي
ٺله: ڏس کيئن آ کيو پاڪ پرور
منهنجي محبوب جو شان برتر

١: آهي بيشڪ سندن شان شاهي
اٿن بر بحر تي بادشاهي
پڙهي ڏس پيار مان سوره کوثر

٢: جنهن جو واصف ٿيو رب جليل آ
کندو جنهن جو ادب جبرئيل آ
ڏسي ڪرسي عرش آيو انور

٣: شان سهڻي جو اعلىٰ سمجهه تون
رک محبوب لاءِ ڪين منجهه تون
ڪر "نور من الله" تي نظر

۴: ثنا ادريس ڪر مصطفىٰ جي
تنهن دلبر نبي باصفا جي
نه ٿي منڪر وڃاءِ پنهنجو محشر



نعت شريف ٥

ٿلهه: حضور آيو، آ حمد ڳايو ،مڙني هي نعرو لڳايو
نبي سائين نور آهي.

١: جڏهن ٿي ولادت سهڻي حبيب كبريا قربدار جي
اوهان ۽ اسان جي آقا يتيمن جي ياراڙين آڌار جي
عرش عظيم كان ملكن فلكن جو آواز ٿي آيو
نبي سائين نور آهي

٢: حبيبن جون هر هر هنڌ خدا جي نبين تعريفون كيون
صحابن ۽ غوثن قطبن ڀلارن ولين تعريفون كيون
"قدجاءكم" آشان سندس ۾ فائق خود فرمايو
نبي سائين نور آ

٣: صحابيءَ پڇيو اي سائين اول كهڙي شيءِ پروردگار پيدا كئي
حبيبِ خدا فرمايو اول منهنجي اعلىٰ عمدي ذات هئي
لوح و قلم ۽ ارض سماء كي باريءِ پوءِ بنايو
نبي سائين نور آ

۴: عجب آ انهن جو جيكي نياڳا نفي ٿا كن هن نور جي
انهن كي نصيب نه ٿيندي شفاعت حشر ۾ سهڻي حضور جي
ادريس شان حبيب جو گڏجي ٻڌو ٻين كي ٻڌايو
نبي سائين نور آ



نعت شريف ٦

ٽلهه: وهواهه اچي ويو محبوب مرسل
سرور سين جو سردار سهڻل

١: ڪاشيءَ نه هئي اڳ ۾ احمد ٿيو پيدا
صدقي سندن ٿي هر شيءِ هويدا
خلقت سندن هئي هر شيءِ کان اول

٢: آدم تي ٿي ان جي صدقي عنايت
باريءَ ڀلائي ڪيس بي نهايت
مدني مهابي ٿيس معاف مشڪل

٣: جنهن جي جمڻ سان ٿي روشن خدائي
سيني جي رهبر ڪئي رهنمائي
دلبر جي در تان مليو قرب ڪامل

۴: امت جا بيشڪ ٿيا بخت بالا
سيد سين جو ڏنو رب تعالىٰ
آيو اڙين جو آڌار اڪمل

۵: ادريس عاصين جي لاءِ عيد آئي
ڏاهري ڪئي ڏاتار بيحد ڀلائي
ڪو جهن ڪڻ لاءِ تي بهاري بلڪل

نعت شريف ۷

ٿلهه: دنيا ۾ اي دلبر تنهنجي اول ذات آئي
خداوند پوءِ ڪئي ٻي ظاهر خدائي

١: نه روشن قمر هو نه ڪي شمس پيارا
توکان بعد ٿيا پيدا سمورا ستارا
مليو نور تن کي توکان ڪيئون روشنائي

٢: نه هو نوح يوسف ۽ ادريس آدم
نه ڪو زڪريا، يحييٰ نه هو سارو عالم
اوهان جي ڪري ڪئي باريءِ سيپن تي پلائي

٣: ٿيو ابليس منڪر سجدي ڪرڻ کان
ڏٺائين نه نور تنهنجو انڌو ٿيو ڏسڻ کان
قيامت تائين تنهن تي لعنت واليءِ وسائي

٤: ورتو جن وسيلو پرين پار پهتا
بهشتي پلاين کي سي دلدار پهتا
ڪئي مقبول تن جي قادر سموري ڪمائي

٦: ٿو ادريس تنهنجي ثنا روز ڳائي
ننڊن ۽ وڏن کي منٿڙا ٿو ٻولي ٻڌائي
سواءِ عشق تنهنجي آقا عمر آ اجائي

نعت شريف ٨

ٿلهه: خدا توکي سينگاريو واهه سهٽا
منهنجا حضرت رسول الله سهٽا

١: برابر حضرت يوسف حسين آ
مگر تُنهنجي مثل کو ناهه سهٽا

٢: جمال يوسفي تُنهنجي اڳيان چا
رڳي رخ تان هي پردو لاهه سهٽا

٣: رضا تُنهنجي ۾ اي دلدار راضي
رهي تو باري بي پرواهه سهٽا

٤: کمالات نبوت جو تون جامع
هي قسمت منهنجي بگڙيل ناهه سُهٽا

٥: منهنجا ماءُ پيءُ سرُ قربان تو تان
کيان لک بار صدقيِ ساهه سُهٽا

٦: خليل کليم هئا بيشک پلارا
مگر تون هک حبيب الله سهٽا

٧: چوي ٿي دل تنهنجي در تي رهان مان
رهڻ لاءِ کرکا سولي راهه سهٽا

٨: کجي دلبر سدا ديدار تنهنجو
اها اندر جي آهي آهه سهٽا

٩: سگهو ادريس آٿايو ايڏاهون
بي واهن جي تون آهين واهه سهٽا

نعت شريف ٩

ٿلهه: نالو مبارڪ منٺو محمد ڏاڍو پيارو آ
ان جي مهابي هر مومن تان معاف مونجهارو آ

١: عرشي فرشي صدقي سڄڻ جي پرور ڪيا پيدا
روشن انجي نور منجهان ٿيو سج چنڊ تارو آ

٢: حضرت آدم بيبي حوا ڪي باريءَ بخش ڪيو
چو تہ وسيلو تن ورتو دلدار دلارو آ

٣: نوح نبي جي ٻيڙي ٻڏڻ ڪان مولاڪئي محفوظ
تنهن سان گڏ طوفان ۾ آقا اندر اجارو آ

٤: حضرت ابراهيم ؑ ان جي ٻچڙي اسماعيل
تي ٿي پلاٽي چو تہ انهن سان گڏ هي پلارو آ

٥: محشر ۾ ماڻهون نبين ڏي وفد ڪري ويندا
سڀ چوندا سهڻي ڏي وڃو ٻيوڪوئي نہ چارو آ

٦: تورات پڙهندي جنهن چميو هو اسم مبارڪ کي
بخت ڪلي ويس ڏس تہ بڻيو ڪيئن ڀاڳن وارو آ


٧:جابر جا پٽ ڪئل زنده ٿي ڪائن پيا ڪاڏو
ڪيئن نہ سي جيئرا ٿيندا جن وٽ جيءُ جيارو آ

٨: اويس قرني محبوبن سان ڪيڏي محبت ڪئي
ڪاٽي مدينو پاڪ تہ ڪاٽي يمن اي يارو آ

٩: ڪلندا ٽلندا خوش ٿيندا سڀ جنت ڏي هلندا
جن ڪي حبيب جي صدقي مليو ڇوٽڪارو آ

١٠: دل ڪولي درگاه مان سڀ ڪجهہ گهر سائل سڪ مان
سهڻي سخي جي بحر سخا جو ڪونہ ڪنارو آ

١١: آقا اڳيان جهولي جهلي ادريس عرض ڪر پيو
ڏاهري تنهنجو هر ڏک ۾ سردار سهارو آ



نعت شريف ١٠

ٿلهه: نہ ٿيو آهي نہ ڪو ٿيندو منهنجا منٺار توجهڙو
سڄي دنيا ۾خلقيو ڪونہ خلقڻهار توجهڙو

١: جنين ڪئي ٿي برائي تن تي بيحد تو ڀلائي ڪئي
گهرين دشمن جي لئہ دُعائون نہ آدلدار تو جهڙو

٢: سوا لک انبيائن ۾نرالي ذات تنهنجي آ
پيارا سڀ بلاشڪ پر نہ آڀدار توجهڙو

٣: بنايو بي مثل محبوب توکي آمني مالڪ
تون آهين نور نرمل ڪونہ آننگدار توجهڙو

٥: سخي آهين نہ سائل کي ڪڏهن محبوب موٽائين
نہ ٿي سگهندو سخي حاتم يتيمن يار توجهڙو

٦: جهلي جهولي اچي " ادريس" دلبر تنهنجي در بيٺو
تون لاهج ڏاهريءَ جا ڏک نہ آ غمخوار تو جهڙو



نعت شريف ١١
بي مثل محبوب

ٹلھ: منهنجي محبوب جومٹ مثل کونہ آهي نہ ٿئي جي پڪ پلا پيش ڪر پيش ڪر
سهڻي ننگدار نرمل نبي الهدیٰ جهڙو ٻيو مصطفیٰ پيش ڪر پيش ڪر

(١) شان سهڻي جوڏس ڪولي . قرآن ۾ - هر سورة لٿل آ سندس شان ۾
ڪنهن جي چهري مبارڪ جي تعريف ۾ آ لٿي والضحیٰ - پيش ڪر پيش ڪر

(٢) اهڙو دنيا تي ٻيو ڪونہ انسان آ - ٿي جنهن جي حسن تي خلق حيران آ
پڇي يوسف نہ سگهندو منهنجي پرين سان - اهڙو ماهِ لقا پيش ڪر پيش ڪر

(٣) ٿي جهڪي وڻ سجدا ڪيا جنهن اڳيان - ٿي پڇي جانور سار پيا جنهن اڳيان
جنهن جي صدقي ٿين معاف مشڪل مڙ ئي - اهڙو مشڪل ڪشا، پيش ڪر پيش ڪر

(٤) هي سوا لک نبين جو سرتاج آ ، ماٺيو محب ڏس ڪهڙو معراج آ
آسجي خلق مان جنهن کي خالق گهريو - اهڙو خير الوریٰ - پيش ڪر پيش ڪر

(٥) جي گهري دعا تہ پادل پيا پرجي اچن - جنهن جي صدقي عذابن کان عاصي بچن
جي چوين تو تہ تو جهڙو آهي نبي - تون بہ اهڙي دعا - پيش ڪر پيش ڪر

(٦) ڪري جنهن جوذڪر عرش تي خود خدا - ٿيون حُورون فرشتا جنهين تان فدا
جنهن جي نظر ڪرم ساڻ امت مٿان، ٿي دفع هر بلا - پيش ڪر پيش ڪر

(٧) جڏهن سائل ٿي سرڪار جي در اڳيان- مٽي محبوب ماهِ منور اڳيان
تو ڪيان عرض ادريس چئي تو پرين چا ڪپي اي گدا - پيش ڪر پيش ڪر

مصطفوي اخلاق

ٽلهه: ڏئي دشمن کي بہ دلداريون
حبيبن هزارين دليون تاريون

۱: ڇڏيا واڻ تي جنهن ڪندا جام تي
تي بيمار پڇيس نبي جام تي
پڇڻ سان تيس دور بيماريون.....

۲: ڏني ڪيڏي تڪليف هئي طائفين
مگر منهنجي محبوب سڀ معاف ڪين
ڪميڻن تي هيڏيون قربداريون

۳: رُنو عيد جي ڏينهن ننڍو ٻار تي
ڪنيو پاڻ پرين ڏئي پيار تي
لٿس غم تيس ڏاڍيون غمخواريون

۴: پڇي منهن ڏسڻ ڪان مڪ جنهن ڇڏيو
وئي واڻ تي گهوٽ تنهن کي گڏيو
ڪيائونس ڪِڪين سنديون ڪاريون

۵: جيڪي لات عزيٰ جا عابد هيا
نگاهہِ ڪرم سان سي زاهد ٿيا
مٿل دليون جانب لڪين جياريون

٦: اي ادريس عاصي ڇڏائي صفا
وٺي ڏيندو جنت مٺو مصطفيٰ
ڪندو محب مدني مددگاريون

اعليٰ احسان

ٿلهہ: ٿيو اعليٰ هي احسان آ
مليو مدني مهربان آ

(١) پتو ڪنهن کي نہ هو پاڪ رب جو
پر پوءِ پهچي ويو سردار سڀ جو
ڏسيو جنهن دين ايمان آ

(٢) نہ ڪا مسجد نہ ممبر هجي ها
جي نہ داورجيء دلبر هجي ها
ڪٿيو جنهن سارو ڪفران آ

(٣) ڪري سجدو جمڻ ساڻ پياري
گهري امت لاءِ بخشش پلاري
ٿيو راضي پوءِ رحمان آ

(٤) بت ٿي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪِريا
جڏهن آيو حبيب ڪبريا
ڀڳو بڇڙو ٿي شيطان آ

(٥) ملي هي ڏاهري ذات ڪنهن کي؟
ڪرائي مولا ملاقات ڪنهن کي؟
اهو عربي عاليشان آ

(٦) چونہ ادريس عيدون ملهائيون
لکين احسان سائين جا ڳايون
ڏنو جنهن ڪلمو قرآن آ

"شکر ادائي"

ٹلھ: سهڻو نصيب ٿيو آ، پهچي حبيب ويو آ
لک لک احسان پانيان، ساري حياتي سهڻي رب جا شکران ڳايان

١: مالڪ جي مهرباني - مليو محبوب جاني
جنهن جي ديدار لئہ هئي دنيا سڄي ديواني
هڪدم لٿي حيراني،مشڪل ٿي وئي آساني
خوش ٿي خوشيون ملهايان

٢: جمندي هو رب کي سائينء سجدو ڪري سنياريو
امت جي لاءِ پنهنجي پرور کي هو پڪاريو
ڪامل ڪريم آهي رهبر رحيم آهي
چا چا چئي ٻڌايان........

٣: محبوب نور آهي بلڪل پرپور آهي
جونہ مڃي سو حق جي رستي کان دور آهي
نرمل نبي نوراني - جنهن جو ڪو مٽ ۽ ثاني
ڪنهن کي ڪڏهن نہ پانيان

٤: ان جي هٿان اسان کي مليو ايمان آهي
ان ئي ٻڌايو ڪعبو قبلو قرآن آهي
ٿورا سندس نہ ٿورا- ڳائڻ کان آهن ڳورا
ڪهڙا لکي لکايان

٥: ادريس اصل کان مان ان جو غلام آهيان
صبح ۽ شام ان تي پڙهندو سلام آهيان
رب جو آراز ان تي - مون کي آ ناز ان تي
ان جو سگدر سڏايان

دلبر کي درخواست

ٿلهه: مون کان دور نہ رهہ دلدار سڄڻ
تاريان ديدون کري ديدار سڄڻ

١: پرين پيار تنهنجو ڪين وسري ٿو، نئون نيهن روزانو نسري ٿو
گهڙو وقت غمن ۾ گذري ٿو، ڪري، ٻرهہ وڏو بيمار سڄڻ

٢: تنهنجي جي حُسن مون کي حيران ڪيو، مٺا محبت آمستان ڪيو
گهڻي پيار پرين پريشان ڪيو، سدا سيني ۾ تنهنجي سار سڄڻ

٣: اکيون تنهنجي ڏسڻ لاءِ آتيون هن، ڏکيون توکان سواءِ مون لاءِ راتيون ٿين
مل محب تہ کي ملاقاتيون ٿين، اچ منهنجي اڱڻ منٺار سڄڻ

٤: تنهنجي سهڻي صورت ياد ڪري، دل بي وس ٿي فرياد ڪري
الله توکي آباد ڪري، ڪو ڏک نہ ڏيني ڏاتار سڄڻ

٥: جي اڱڻ اچين ڳڻ ڳائيندس، وڏا يال پلايون پائيندس
ريءَ عيد جي عيد ملهائيندس، شڪران ڪندس صدبار سڄڻ

٦: تنهنجو محب هي مرڪڻ ملڻ مٺو، تنهنجو خوش ٿي نهاري ڪلڻ مٺو
تنهنجو حشمت هوش سان هلڻ مٺو، لڪين قرب تو ۾ قربدار سڄڻ

٧: ادريس تي پنهنجي عنايت ڪر، مون تي نظر ڪرم منهنجا دلبر ڌر
ياتون اچ يا آڻا پنهنجي در
ڏسان جيئري پرين تنهنجو پار سڄڻ

عشق رسول جي آرزو

ٽلم: جيسين جياري رب ٿل جياري عشق اوهان جي ۾
جڏهن ٻه ماري مالڪ ماري، عشق اوهان جي ۾

١: سڪ جي صدقي سهڻو صديق آ رهيو روضي ۾
عمر سموري ڇڏيئين گذاري، عشق اوهان جي ۾

٢: فاروق اعظم دل ۾ رکيو هو دين جو درد سدا
پل ٻه اوهان کي نه وينو وساري، عشق اوهان جي ۾

٣: امر اوهان جي تي عثمان غني گهر گهور ڪيو
خير ڪدي پيو ساري سنياري - عشق اوهان جي ۾

٤: سهڻي علي کي جوش جهاد جوڪيڏو ڪريم هيو
هڪل سان ڏونگر ڇڏيائين ڏاري - عشق اوهان جي ۾

٥: پياري بلال تي پٿر رکي ٿي گهليئون گهٽين ۾
تڏهن ٻه پلپل پيو پوڪاري - عشق اوهان جي ۾

عشق اوهان جي سان ڪامل ايمان عطا ٿيندو
سهڻي حديث ٿي هيئن سيڪاري - عشق اوهان جي

٧: أدريس ڳائي ڇا ڳڻ ڳائي اي محبوب منا
حرم ۾ حاضر ٿئي هر واري - عشق اوهان جي ۾

محبن کي مبارڪ

ٽلهه: خوش ٿي خوش، ٿي خوش ٿي،حبدار حبيبن جا
هت هُت ٿـــيندا توکي ديدار - حـــبـــيبن جا

١: دل ساڻ درود پڙهي سردار کي سڏڙا ڪر
پوءِ سڪ سان ڏس سهڻا سينگار - حبيبن جا

٢: محبوب منو آهي حاضر ناظر هر جاءِ
دل کول ته ايندا اڳيان انوار - حبيبن جا

٣: جن پيار رکيو تن کي هن پيار جي صدقي ۾
ملندا، ملندا، ملندا، لک پيار - حبيبن جا

٤: جنهن جاءِ مٿان به گهميا آهن قدم ڪريمن جا
اهي بابرڪت آهن آثار - حبيبن جا

٥: مڪه ۽ مدينه کي الله نوازيو آ
چنڊ چوڏهين جيان آهن چمڪار - حبيبن جا

٦: صديق عمر سهڻو عاشق هئا پڪا پيارا
هر غم ۾ رهيا گڏ هئا غمخوار - حبيبن جا

٧: ڏاهري کي ڏاج مليا هن دلبر جي درتان
کهڙا ڳائي ڳايان ڳڻ يار - حبيبن جا

٨: ادريس نه هڪ پر لک لڄپال سندي درتي
ڪئين يار سلامي هن سردار - حبيبن جا

آمدلاءِ استدعا

ٽلھ: هڪـــڙو دفـــعـــو اچي منهنجي اڱڻ تي
محبوب منهن تہ ڏکاري وچ ڄانب جڏڙو جياري وچ

۱: ســـور ســـوبن ٿـــو ســـر تي ســـهـــان
حـال هي هيـٺـو ڪنهن سـان ڪهـان
تو جهڙو بيوڪونہ لهان، اچي دلبردل کي ٺاري وچ

۲: جان جلي وئي ســاري مـــتـــا
ڪنهن ڪانہ ڪئي پوءِ واري مـــتـــا
مل محب تون ٿئي ڪا بهـاري متـا
هن ســاهہ ســڙيل کي ســڏاري وچ

۳: تارا ڏســان ٿــو شــمس قــمــر
تو جهـــڙو اچي ٿـــو ڪونہ نظر
مــرڻ مـــهـل ڪري پنهنجي مـــهـــر
مون کي ڪلمہ سهـٽا سيڪاري وچ

۴: ادريس ڏاهري عـــــرض ڪري
نہ ٿي توکان سواءِ ڪا ساعت سري
پنهنجي قـربن جا ٻئي قـدم پـري
اچي عـــــــربي انـدر اجاري وچ

" پلي آيو"

ٽلهه: آيو پلي آيو، سهڻو سخي آيو آيو منهنجو مختار
يتيمن يار نبي آ دلدار نبي آ

١: ان جي مهابي خالق هر شيءِ خلقي آ
ان لئه تي پيدا هر شيءِ ڳري يا هلڪي آ
سڄي دنيا جو سينگار - سچو سردار نبي آ
دلدار نبي آ

٢: اڻ ڪٿ تورا مالڪ ڪيا، مسڪينن تي
رحمت جا بادل برسيا غمگينن تي
ڪل اڙين جو آذار پرين پڳدار نبي آ
دلدار نبي آ

٣: لوح تي قدرت واري قلم جو لکيو آ
سو سڀ ڪجهه مالڪ کان سائين سکيو آ
جنهن کي پاڻ پڙهايو پر ورسو سالار نبي آ
دلدار نبي آ

٤: محشر ۾ محبوب جو مان هلي ڏسجان
سڀ کان عمدو اعلىٰ شان هلي ڏسجان
جنهن کي ڏاج ڏنا ڏاتار سو غمخوار نبي آ
دلدار نبي آ

٥: هر پيغمبر پنهنجي ڳالهه پچاريندو
هي سردار سيني کي يار سنياريندو بخشائيندو بدڪار،
قربدار نبي آدلدار نبي آ

٦: ادريس جن دلدار سان دلڙي لاتي آ
تن کي حاصل يار تي سهڻي حياتي آ
رحمت جي مڻن وسڪار، اکين ٺار نبي آ
دلدار نبي آ

آقا جي عنايت

ٽلھ: عجيب ڪئي عنايت پاڻ آيا
ڪيا سڀ سوال منهنجا رب سجايا

۱: جنين ڪارڻ رنم ٿي رات ڏينهان
اهي محبوب مولاهت ملايا

۲: انڌيري ۾ اجالو نظر آيو
جڏهن پردا پرين پاڻهي هٽايا

۳: ٺريون ديدون ٿيون پوريون اُميدون
منهنجا مطلب سڀئي پرور پڄايا

۴: وڌيون ٿيون برڪتون بيحد پلايون
جڏهن منهنجي اڱڻ تن پير پايا

۵: ٻڌي دانهون منهنجي دردن دکن جون
اچي غم درد محبوبن مِٽايا

٦: ڇا منهنجو گهر غريباڻو ڇا شفقت
ڪرم جا هي ڪکر واليءَ وسايا

۷: اچانڪ تن جي آمد جو ٻُڌي مون
خوشيءَ مان نيڻ واٽن تي وڇايا

۸: لکين ادريس تي احسان ڪيائون
ڪيل انجام محبوبن ملهايا

"پرين کي پارت لاءِ عرض"

ٹلهه: سپ پارت ٿـــئي پڳدار ســـڄڻ،
منهنجا ســهــٹـــا نبي ننگدار ســـڄڻ

١: تون رحمت جو درياء مـنـا، تون بي زورن جوبچاءُ مـنـا
هڪ وار اگڻ تي آءُ مـنـا، سـٹي سـڏڙا يتيـمن يار سـڄڻ

٢: تو بُرن مٹان ڪئين پال ڪيا، وڏا لطف لکين لڄپال ڪيا
جن سـائل بنجي سـوال ڪيـا، ٿـيـا تن جا بيـڙا پار سـڄڻ

٣: دنيـا دشمن ٿـئي تہ پلي پٹي ٿـئي، رکي پنهنجو پانڌ پناهہ جو ڏئي
ڪين ڏسندا ڪڏهن ڏک سهـٹا سي، جن توسان ڪيو پرين پيار سـڄڻ

۴: تنهنجا ڳڻ ڳائڻ كـان ڳورا هن، تنهنجا ٿـورا ڪين ڪي ٿـوراهن
تنـهـنجي پـــرتي لڳابي زوراهـن، تون اڙيـن جو آڌار ســـڄڻ

٥: تون بي واهن جي واهہ پرين، ڏسي رهبر ٿي تو راهہ پرين
بڌين عـاصين جي تون آهہ پرين، دانهـون ورنائين دلدار سـڄڻ

٦: قيامت ۾ بہ قهر خدا کان ڪنبي گڏ محشر ۾ ٿيندا مڙئي نبي
ڪندين عرض امت لاءِ تون عربي، تنهنجي گوهر جان گفتار سـڄڻ

٧: تنهنجو قدر ڪيو سلمان سچي، صديق، عمر، عثمان، سچي
سهـٹي حضرت حيدر جوان سچي، ڪيئون گهور توتان گهر بار سـڄڻ

٨: توڙي ڏاهري ڏوهہ هزار ڪيـا، گـڏ بدين جا ڪئين بار ڪيـا
پر قـرب جي تو قـرب دار ڪيـا، ويندو بخشجي هي بدڪار سـڄڻ

ميلاد شريف

ٿلهه: رب جي ٿئي مهرباني ميلاد ڪرڻ وارا
آقا جي آمد سان دلشاد ڪرڻ وارا

١: ٻيون عيدون سڀئي پوءِ ٿيون هيءَ عيد حقيقي آ
هيءَ عيد ملهائي گهر، آباد ڪرڻ وارا


٢:رب پاڪ جي رحمت ٿئي، سرڪار جي شفقت ٿئي
هن عيد جي برڪت ۾ اعتقاد رکڻ وارا

٣: صلوٰة پڙهي عاشق دل تاربندو آهي
ڪامياب سدا رهندا اعتماد ڪرڻ وارا

٤: لک ٿورا خدا جا ٻيا ٻر هي سيني ڪان مٿي
عاصين ۽ ابوجهن جي امداد ڪرڻ وارا

٥: جوسڪ سان سڏيندو آ اتي آقا ايندو آ
فرياد ٻڌي ٿو پڇي فرياد ڪرڻ وارا

٦: ڏاهري ڏک لاهيندو ڏاتار سڄڻ صدقي
ادريس جي دانهن ٻڌي ايندا داد ڪرڻ وارا



معراج جي متعلق ١

ٿلهه: جنت سينگاري مولا محبوب تيار آ
عربيءَ جو عرش اعلىٰ تي انتظار آ

١: جبرئيل کي حڪم ٿيو ڪو دم نہ دير ڪر
جنتي براق ڪاهي وڃ دلربا جي در
سو ڪا هجانءُ جنهن کي تن ۾ تنوار آ

٢: دوزخ جا در ڪراءِ بند، جنت ڪولاءِ تون
محبوب کي مون مالڪ سان اڄ ملاءِ تون
ان جي اسم جي پلپل سڀ کي پچار آ

٣: در مصطفىٰ جي جڏهين جبرئيل آئيو
"قُم يا حبيبي" چئي تنهن جانب جاڳائيو
ڪرٽو اوهان کي دلبر رب جو ديدار آ

٤: اڳ ۾ ٿيو محمد ﷺ پاسن ڪان ٿيا ملڪ
جنهن جي ڏسڻ لاءِ سڪيا لوح و قلم فلڪ
آيو اچي صفا وٽ سيد ٿيو سوار آ

٥: ادريس مصطفىٰ جي تعريف ڪر سدا
تعريف ساڻ راضي ٿيندو آهي خدا
تعريف جنهن جي پاڻ ڪئي پروردگار آ

معراج جي متعلق ٢

ٿلهه: سگهو هل حبيبِ خدا ڪر تياري
اوهان لاءِ آ عرش تي انتظاري

١: آهيان درجو خادم پرين ٿو پڪاريان
ادب جو حڪم آ ادب سان اٿاريان
ٻڌي هٿ ادب جا اوهان ڏي نهاريان
هلڻ جي ڪيو جلد ڪا قربداري

٢: ڪيو امر مون کي خدا پاڪ آهي
بهشتي براق جلدي جبرئيل ڪاهي
وڃهي سنج سهٽا ڪري تيار ٺاهي
وٺي اچ حبيبِ هڪدم ته ٿينديءَ بهاري

٣: جڏهين ٿيو سجاڳ مدني مٺو مهربان آ
ته جبريل سامهون بيٺو ٿنا خون آ
پڇيائونس ڏي خبر ٿيو ڪهڙو فرمان آ
آندي ڪيئن اٿئي هٿي سهٽي سواري

٤: عرض ڪيائين سهٽا عربي ڪيان چابيان مان
ڪهڙو راز آهي آهيان خود حيران مان
سدائين اوهان جو آهيان ثنا خوان مان
آٿڻ جو امر ڪيو آهي ذات باري

٥: ٿيا سوار سهٽا بهشتي براق تي
گهمي اقصىٰ مسجد رسيا افلاڪ تي
اوتان ادريس پهتا قدرتي اوطاق تي
ڪئي گفتگو رب سان سڄڻ رات ساري

معراج شريف جي متعلق ۳

ٿلھ: اُٿو اي فرشتو ڪيو ادب عربي محمد ملڻ لاءِ اچي ٿو اچي ٿو
خدا پاڪ جي ذات کي روبرو لامڪان تي ڏسڻ لاءِ اچي ٿو اچي ٿو

(۱) ڪليمِ خدا طورسينا مٿائون - تجلي ڏسڻ ساڻ بيهوش ٿي ويو
مگر مير مدني منو مرڪندي عرش تي اچ هلڻ لاءِ اچي ٿو اچي ٿو

(۲) ڪيو فيض حاصل سدا فرش وارن - مگر عرشين کي مليو موقعو اچ
خزانا خدا جا ونديندڙ محمد هتي اچ وندڻ لاءِ اچي ٿو اچي ٿو

(۳) ٻڌي نام جيڪي ٿيا مست محبوب جي پاڪ صورت پياري پسڻ لاءِ
ٻلي ڪن سي ديدار تي سوار سردار سهڻو گهمڻ لاءِ اچي ٿو اچي ٿو

(۴) ٿيو حڪم حورن کي سينگار جواچ - عطر مشڪ هرجاءِ تي هارجو اچ
جنهين لاءِ جنت جُڙي سو پرين پاڻ جنت پسڻ لاءِ اچي ٿو اچي ٿو

(۵) ٿيا انبياء ڪُل ڪٺي قدس ۾ اح اجهو آيو سهڻو سهارو سڀن جو
رسولن سندو پيشوا تي نمازون پڙهائڻ پڙهڻ لاءِ اچي ٿو اچي ٿو

(٦) جڏهن آسمانن تي پرين پيرپاتا تي هڪ ٻئي کي حورن فرشتن ٻڌايو
جهليو جهوليون اچ سخي جوان جهوليون سڀن جون ڀرڻ لاءِ اچي ٿو اچي ٿو

(۷) لٽا ڏاهري ڏڪ نہ ڪر فڪر ڪوئي، اي ادريس عربي ضعيفن جو ضامن
گنهگار امت جي عيبن سندي اچ معافي وٺڻ لاءِ اچي ٿو اچي ٿو

بي حساب پلائي

ٿلهہ: خدا ڪيو اسان تي قرب بيحد بي حساب آ
ڪُليو بخت مليو منڙو نبي ماهہ تاب آ

(١) سڄي عمر ساربندي ساربندي گذري
نيڻن نير هاريندي هاريندي گذري
پرينء کي پڪاري پڪاريندي گذري
پئي دانهن دل سڪايل سندي هاڻ صاب آ

(٢) وڻن جانور جنهن جي در تي پناهون
نڌڪن نماڻن جون تنهن ۾ نگاهون
ٻڌي عاجزن جون تو دلدار دانهون
لٿا درد تن جا جن تي لڳي ويو لُعاب آ

(٣) سندس درجو سوالي ڪو خالي نہ ويندو
گهري گهوٽ کان جي ڪٿي گنج ڏيندو
اهڙو ٻيو سخي در نہ ٿيو آ نہ ٿيندو
اشاري سان واپس آندو جنهين آفتاب آ

(۴) اي ادريس عربي جا احسان ڳاء تون
غلامن ۾ پنهنجو بہ نالو ڳڻاء تون
اجائي عمر کين وبهي وڃاء تون
ٽريو جنهن جي صدقي امت مٿائون عذاب آ

معافيءَ جي طلب

لله معاف ڪريو ڪُل ئي قصور مون ڪي
نرمل رکو نظر ۾ ننگدار مون ڪي


(١) ٻچپن کان هيءِ عنايت مون تي آ منهنجا سائين، ٻني جي نہ بس اوهان جي سڪ ٿي رهي سدائين
زيارت ڪرايو هاڻي ظاهر ظهور مون ڪي

(٢) قرآن ۾ ڪيو آهي حڪم پاڪ پرور، معافي وٺڻ لاءِ مجرم در تنهنجي اچن دلبر
ڪڏهين ڪجو نہ در تان دلدار دور مون ڪي

(٣) الله پاڪ ڪيو آ رتبو اوهان جو عالي، سڀ غوث قطب ڪامل سردار تنهنجا سوالي
ونڊ ڏيو وڏي ڪا والي حضرت حضور مون ڪي

(٤) آهي حرم جو منتڙا منظر اکين جي آڏو رياض الجنة بہ آهي دلبر اکين جي آڏو
پيراندي پاڪ جاپون، پليل پليل ٿا پور مون ڪي

(٥) ادريس تي عنايت هر دم هجي اي آقا، آسان عشق جا ڪيو هن ڏاهري لاءِ ڏاڪا
ڪيو سڪ اوهان جي سائين آچڪنا چور مونکي



رمضان المبارڪ جي فضيلت: ١

ٽلهه: رمضان مبارڪ هي رحمت جو مهينو آ
محبوب چيو منهنجي امت جو مهينو آ

١: هن ۾ قرآن لٿو سرڪار دوعالم تي
هي ماهه سچو منڙا برڪت جومهينو آ

٢: رب فرض ڪيا روزا هر مرد ۽ عورت تي
جنهن ڪلمو پڙهيو تنهن لاءِ نعمت جو مهينو آ

٣: ڪري ڪرم ڪيا قادر شيطان ۽ جن قابو
اٿ يار عبادت ڪر الفت جو مهينو آ

٤: روزا رک ۽ روئي دل ساڻ دُعائون گهر
محبوب محمد جي محبت جومهينو آ

٥: جيڪو ٻه تراويحون پڙهندو ان پياري لاءِ
هي شاهِ مدينه جي شفقت جو مهينو آ

٦: بيڙي نسوار چلم ۽ چانهن جي چسڪي لاءِ
روزا نہ رکي ان جي ذلت جو مهينو آ

٧: روزي ڪولائيندڙ ڪان خوش آخدا ٿيندو
روزو ڪولاءِ جو هي خدمت جو مهينو آ

٨: ڏاهري اڄ ٻک ۾ جن رب لاءِ رکيا روزا
ادريس انهن جي لاءِ عزت جو مهينوآ

رمضان المبارڪ جي فضيلت ۲

ٽلهه: اُٺ مرد مجاهد ٿي مومن رمضان مبارڪ آيو آ
الله تعالىٰ جو هي مهمان مبارڪ آيو آ

۱: جنهن رب توتي احسان ڪيو سهڻي صورت ڏئي انسان ڪيو
ان مالڪ جو هن ماهه اندر قرآن مبارڪ آيو آ

۲: رمضان ۾ تو روزا نه رکين حيوانن وانگر کائين پيئين
حيوان نه آهين تنهنجو لقب انسان مبارڪ آيو آ

۳: بي روزائت کان قيامت ۾ محبوب منهن به مٽيندو منهن
هي سهڻي نبي جي حديث اندر فرمان مبارڪ آيو

۴: شيطان ته ٻڌجي ويا پر تو تابعداري نه تن جي ڇڏي
عربي کي وساريئي جنهن جي هٿان، ايمان مبارڪ آيو آ

۵: هن ماهه ۾ آ هڪ رات ملي، جا هزار مهينن کان به ڀلي
جنهن رات ۾ عرش کان فائق جو فرمان مبارڪ آيو آ

۶: قيامت ۾ قبر مان جيئن اٿندا، روزائتا جلدي جنت ڏانهن
سڏ ڏيندو تنين کي سڏڻ جي لاءِ رضوان مبارڪ آيو آ

۷: سردار جا سيئي ٻچڙا ﷺ اصحاب به روزا هئا رکندا
پڇ حسن حسين کان روزن جو ڇا شان مبارڪ آيو آ

۸: جنت ۾ رب روزيدارن لاءِ خاصُ آ ناهيو دروازو
جنهن دروازي جو نام پلو ريان مبارڪ آيو آ

۹: " ادريس" محبت وارن کي هن ماهه ۾ محنت ڪرڻي آ
روزا ۽ نمازون هي مؤمن جو نشان مبارڪ آيو آ

مدينه منوره جي خوشنصيبي

ٿلهہ: وهوا مدينه مبارڪ توکي ڏاج ڏنو آهي ڏاتار
تو ۾ رهيو محبوب خدا جو - سهڻو محمد شاهہ سينگار

(۱) جڏهن ڪريمن قدم گهمايا، عرشي فرشي هلي هت آيا
دنيا جهڪي ٿي، هر شيءِ سِڪي ٿي، پرورپاڪ جو توسان پيار

(۲) گنبذ خضرا جا چمڪارا، ڏسي ٿين ٿا صدقي ستارا
نيلون نظارا منڙا منارا - سهڻي قنديلن جي آ قطار

(۳) تو ۾ ڏيکاري صديق صداقت - تو ۾ هلائي عمر عدالت
رب سندو قرآن لٿو هت - شان تنهنجو آ گهڻو شاندار

(۴) عربي عجمي آقا اچن ٿا - نندڙا وڏڙا سلام پڙهن ٿا
جنت البقيع اُحد جبل هت - رب جي رحمت جي وسڪار

(۵) ڪابہ زبان تعريف ڪري ٿي - هر عاشق جي دلڙي ٺري ٿي
نور وسي ٿو هرڪو ڏسي ٿو - هر ڪنهن جي آتن ۾ تار

(٦) انشاءَ الله ايندو رهندس جابہ حياتي حيئرو هوندس
پيچ مون پاتو نينهن مون لاتو - ساريندس پيو سپ جمار

(۷) ادريس عاجز شان چاگائي
ضعيف زبان چئي چا بڌائي
شال خدا هر سال ڪرائي - دلبر پيو تنهنجو ديدار

مدينه منوره ۾ رهڻ جي ڀلائي

ٿلهه: مدينې پاڪ ۾ گهڙيون گذارڻ خوش نصيبي آ
ڪٿي نيڻن کي نيلن ڏي نهارڻ خوش نصيبي آ

(۱) رسول الله جو روضو ڏسي ٿين دور ڏک دل جا
پڙهي صلوٰة سيني کي سينگارڻ خوش نصيبي آ

(۲) منارن جو ڏسي منظر اچي ٿي روح کي راحت
هٿن سان حرم سهٽي کي ٻهارڻ خوش نصيبي آ

(۳) لهي عرشي اچن دربار ۾ ديدار جي خاطر
اهڙي پياري جي نالي کي پڪارڻ خوش نصيبي آ

(۴) ڀلا ٿيا ڀاڳ تن جا جي ٿاڪن ديدار دلبر جو
ملي تن سان ڪِلي خوش ٿي ڪيڪارڻ خوش نصيبي آ

(۵) رهي پاڙي پيغمبر جي ڇڏي ٻيا خيال سڀ ڪوتا
اندر کي عشق عربي سان اوجارڻ خوش نصيبي آ

(٦) تنڌي پاٽيءَ سنديون گهگيون ڀري ٻيهي غلامن جان
پرين جي پاروارن کي پيارڻ خوش نصيبي آ

(۷) ڪندو قادر تنهنجي قسمت سگهو ادريس عربي ڏي
ڏسي در دلربا جو دل کي ٺارڻ خوش نصيبي آ

مديني اچڻ جي آرزو

ٿلهه: رب وري وري آڻي - دلدار تنهنجي درتي
مسڪين مزا ماڻي - دلدار تنهنجي درتي

١: سيني جي سلامن جو جانب تاجواب ڏيو
دل خوش ٿي خدا چاڻي - دلدار تنهنجي درتي

٢: جي ادب عقيدت سان سرڪار سلامي ٿيا
ويا ڏوهه سيئي ڇاڻي - دلدار تنهنجي در تي

٣: الله ڪري تہ اچن نديڙا وڏڙا پچڙا
هت اچ يا صبحاڻي - دلدار تنهنجي در تي

٤: بي ادب جو حال ڏسي حيرت ٿي لڳي حضرت
نادان ڪيا ناڻي - دلدار تنهنجي در تي

٥: مسڪين تي تو ڪئي آمحبوب مهرباني
دل تڙپي ۽ تاڻي - دلدار تنهنجي در تي

٦: ادريس متان آ قا اڻ ڪٿ احسان ڪيئي
لک شڪر ڪري هاڻي - دلدار تنهنجي در تي



ڏسي ٿي بهاري

ٿلهه: مـنـي مـصطفىٰ جي منارن جو منظر ڏسي ٿي بهـاري ڏسي ٿي بهـاري
اکين ســائ آقـا سند و روضــو اطهــر - ڏسي ٿي بهـاري ڏسي ٿي بهـاري

(١) قبولي هي قادر سدا منهنجي سالن پُڄاڻا مديني جي اقامة عطا ڪئي
صبح شام سـهـڻي جي دربار ۾ در - ڏسي ٿي بهـاري ڏسي ٿي بهـاري

(٢) مون عاجز تي احسان الله ڪيو جنهن مديني جي گهٽين اندر آ گهمايو
گهميو جن گهٽين ۾ نبي گهوٽ گوهر - ڏسي ٿي بهـاري ڏسي ٿي بهـاري

(٣) سـڪايل جا سڏڙا سٽي منهنجي سائينءَ ڪئي مهرباني ڪئي مهرباني
ڏکي دل کي مليــو آ دلدار دلبــر - ڏسي ٿي بهــاري ڏسي ٿي بهــاري

(٤) مجرمن جي معافي جو مرڪز اهو آ - "ولو انهم" ڏس حڪم آ خدا جو
جهـڙي پاڪ مـسـجد تهـڙو پاڪ ممبـر - ڏسي ٿي بهـاري ڏسي ٿي بهـاري

(٥) حُدود حـرم ۾ جڏهن تـيس داخل - لٿـا سـور سـارا مليِ روح راحت
حـبـيب خدا جو حـرم يار هرهر - ڏسي ٿي بهــاري ڏسي ٿي بهــاري

(٦) جڏهن پاڪ پچري جي پاسي ۾ بيهي - ٿا پڙهجن سڄڻ تي سلام ۽ صلاتون
آفــاروق پــر ۾ ۽ صــديق اڪبــر ڏسي ٿي بهــادري ڏسي ٿي بهــادري

(٧) هي سپ قـرب آهي ڪريمن سندو - جن گـهرايو ڏکويل آهن ڏاهريءَ کي
چا ادريس عــاصي چا ســردار ســرور - ڏسي ٿي بهـاري ڏسي ٿي بهــاري

مدينه منوره جي آرزو:

ٿلهه: تنهنجي در تي دلربا وري - پيو اچان اچان اچان
ديدءَ دل ڀئي پون ٺري - پيو ======

١: ڪنهن ڪيو پٽن جو سوال آ - ڪنهن گهريو خزانو مال آ
مون کي ڏيو ڪا عشق جي ذري - پيو اچان ======

٢: توکان دنيا دين اي مٺا - ملندا آ يقين اي مٺا
منهنجي ڪر قبول حاضري - پيو اچان ======

٣: رب ڏسي هي راهه آ سڄڻ - تو سوا نه واه آ سڄڻ
کولي ڏي ديدار جي دري - پيو اچان ======

۴: ڪنهن کي ڪنهن کي ڪنهن جي لوچ آ
مون کي هيءَ سدائين سوچ آ
مون لاءِ آ ڀلائي بهتري - پيو ======


۵: هر گناهه ٿو هتي ڏهي - ٿو نه ٿهڻ وارو ڪم ٿهي
دور رهڻ ڳالهه آ ڳري - پيو اچان ======

٦: خواب ۾ ڏسي اچي مليو - هوبلال شام کان هليو
ماڻي واه بلال برتري - پيو ======

٧: ڪو گهري پيو دنيا گهٽي - پر مون کي آ هيءَ شيءِ وٽي
گهوٽ مون سدائين دُعا گهري - پيو اچان ======

۸: ڪو صدر جو ڪو وزير جو - ڪو غلام آ امير جو-
ناز مـــون لاءِ تنهن جي نوڪري - ======

۹: اصل ادريس آ غلام شان تنهنجو ڳائي صبح شام
هيءَ گهري تو ذات ڏاهري - پيو اچان اچان اچان



دلبر کي درخواست

ٽلهہ: مديني وارا حبيب پيارا نگاهہ ڪرم رکجان
پـــلارا پـــرم رڪـــجان

١: خُلق عظيم تنهنجو اخلاق عـــالي آ،
تنهنجي درتان سائل سهڻا ويو ڪونہ خالي آ
شـــفـــاعت تنهنجي آ ســـخاوت تنهنجي آ
نگاه ڪرم رڪـــجان پـــلارا پـــرم رڪـــجان

٢: "ولوانهم" ۾ بينو حڪم صاف سائين آ
جيڪو درتي آيو تنهن جي خطا معاف سائين آ
عنايت تنهنجي آ، حـــمـــايت تنهنجي آ
نگاه ڪرم رڪجان پـلارا پـرم رڪجان

٣: ڪروڙين درود توتي ڪروڙين سلام آهن
عقيدت ادب سان پڙهندا اوهان جا غلام آهن
ٻڌين ٿو پاڻ ٻاجهارا - سوالن جا سڏ سارا
نگاه ڪرم رڪـــجان پـــلارا پـــرم رڪـــجان

٤: اوهان ڪان اڳي جي آيا پيغمبر ۽ پير هئا
اوهان بادشاهہ اُهي سڀ اوهان جا وزير هئا
خدا آهـــي ڏيـــنـــدو تـــون آهـــين ونـــديـــنـــدو
نگاه ڪرم رڪـــجان پـــلارا پـــرم رڪـــجان

٥: غلامن سندي غلامي ڏاهري پيـــو ڏيندو آ
اوهـان تـــا آٿايـو تڏهين ادريس ايـندو آ
هيءَ تنهنجي مهرباني آهي منهنجي جيءَ جا جاني
نگاه ڪرم رڪـــجان پـــلارا پـــرم رڪـــجان

سجاڳيءَ جو سڏ

ٽلهه: ڇڏي غفلت اُٿي جاڳ جاني - دنيا ٿئي دارفاني


(١) ويا قارون شداد ڪاڏي - ويو فرعون بيداد ڪاڏي
جن حاڪم ٿي ڪئي حڪمراني - دنيا ٿئي دار فاني

(٢) ويا ڪاڏي خدا جن سڏايو ، ٿي پنهنجي پاڻ کي تن پڏايو
رهي خانن سندي ڪانہ خاني، دنيا ٿئي دار فاني

(٣) جن محنت ڪري مال ميڙيا - جيڪي شيطان ملعون ٿيڙيا
رهيو تن جو نہ نالو نيشاني - دنيا ٿئي دار فاني

(۴) نيٺ اچ يا صبحاڻي لڏيندين - گهر ۽ زال ٻچڙا ڇڏيندين
ٿيندئي پيارا وڏي پريشاني - دنيا ٿئي دار فاني

(٥) سگهو ادريس ڪرتون سجاڳي - ڪدي نيٺن منجهان ننڊ نياڳي
ٿي نالائق نہ ڪر تون ناداني - دنيا ٿئي دارفاني



دل و يودلبر کسي

ٿلهہ: دل ويو دلبر کسي - مان ڇا ڪيان
ڪونہ ٿو ڪو گس ڏسي - مان ڇا ڪيان


١: ماريو مون کي ميارن محب جي
هنيو فراقن ۾ ڦسي - مان ڇا ڪيان

٢: منهنجي عيبن ۽ قصورن جي ڪري
ٿو مون کان راڻو رسي - مان ڇيا ڪيان

٣: يادگيري يار جي ۾ اکين مان
مينهن ڳوڙهن جو وسي - مان ڇا ڪيان

۴: پيا کُسن ٿا هڪ دفعو پر منهنجي دل
قرب ۾ هر هر کُسي - مان ڇا ڪيان

٥: ٿو سدا ادريس سهٽي کي سڏيان
حال هي پيارو پسي - مان ڇا ڪيان



تضمين

عربي عرش کان ويو متي، مهمان رب جو ٿيو متي
هيئن کونہ پهتو ٻيو متي - "بَلَغَ العُلىٰ بِکَمَالِهٖ"

دل جي دعا منظور ٿي - دنيا تان ظلمت دور ٿي
ويو ملڪ سارو نور ٿي - کَشَفَ الدُّجيٰ بِجَمَالِهٖ

اوصاف ان جي جو بيان - ڪهڙو ڪري عاجز زبان
مالڪ آ جنهنجو مدح خوان "حَسُنَتْ جَمِيعُ خِصَالِهٖ"

ادريس جي سڀ کي سدا - آ باادب هيءَ التجا
مومن پڙهو صبح و مسا " صَلُّو عَلَيهِ وَآلِهٖ"

تضمين

آبي مثل محبوب حق - خلقي خدا جنهن لئہ خلق
خادم سندن جن و ملڪ - بَلَغَ العُلىٰ بِکَمَالِهٖ

نوري هجڻ جو هي نشان - آيا تہ روشن ٿيو جهان
چمڪيا زمين و آسمان "کَشَفَ الدُّجيٰ بِجَمَالِهٖ"

آ نور آقا در اصل - نوري سندن سارو نسل
سيرت ۽ صورت بي مثل - "حَسُنَتْ جَمِيعُ خِصَالِهٖ"

ادريسُ ان جو غلام آ - پڙهندو صلواة و سلام آ
هيءُ ورد صبح و شام آ - صَلُّو عَلَيهِ وآلِهٖ

مديني اچڻ جو مشورو

ٹلھ: جي گهرو حذاب کان بچو، مصطفیٰ جي در اچو اچو

۱: ڏوهي کوبہ کيترو هجي، گجيءَ سمنڊ جيترو هجي
ٿي نہ مايوس ان کي چو

۲: هت تو ڪتيل قلب صاف ٿئي، هت تو هر گناهہ معاف ٿئي
آ حکم قرآن جو سچو

۳: عشق جي شمع ٻري پئي واڳ پاڳ تي وري پئي
ٿي پتنگ گهڙي اندر پچو

۴: دشمن جي لاءِ رنج آ، تورڙا سني بہ گنج آ
چئو سنين کي مڙس ٿي مچو

۵: ٻيو وسيلو واهہ کانہ آ، رب ڏسي ٻي راهہ کانہ آ
نينهن ۾ اي عاشقو نچو

٦: سور سڀ سلو حبيب سان، مصطفیٰ مني مجيب سان
دور ٿيندو ڏاهري ڏچو

۷: شهر مصطفیٰ جو شاندار ڏس اي ادريس هنيار ثار
رهہ پکو سني نہ رهہ کچو

دلبر کي درخواست

ٿلهه: ڪر نه ديريون يار دلبر - اچ ته ڏک سُک اوريون

(١) تنهنجي جلوي کي ڏسي مستان ٿيا ڪيئي مٺا
ٿي پتنگ جانيون عشاقن گهوٽ تو تان گهوريون


(٢) حال هي هيٺا ڏسي ڪر پال پورل مون مٿان
معاف ڪر منٽزا مدايون ۽ ڪلئي ڪمزوريون

(٣)سول ڦتي تنهنجي فراقن ڏي دوا ديدارجي
تيون سکن سک ۾ سدائين هي نماٽيون ندوريون

(۴) عيد پائيان جي اچين مهمان ٿئين پيارا پرين
تيون تڳن تنهنجي طفيلي ڪئين چپر ۾ چوريون.

(٥) نام تنهنجو دم به دم آهي وظيفو وات ۾
بس اهائي آپچر جڏهين به تا چپ چوريون

(٦) اصل ڪان ادريس آ تنهنجي غلامن جوغلام
ويو ڦتي آرام دل جو چڻ تا ڏونگر ڏوريون



دردن جي دوا

ٽلهه: منهنجي دردن جي ڪانهي دوا، منهنجا سهڻا سڄڻ تو سوا

(١) رب آڻي اکين سان ڏسان مان، تنهنجو چهرو پيارا پسان مان
آهي حسرت اندر ۾ اها


(٢) دل تنهنجي فراقن ڦٽي آ، سڄي هيءَ جان سورن سٽي آ
مليا آزار بي انتها

(٣) هت منهنجو ٿيو حال هيٺو ڪونہ لڱندو ڦڪي يا ڪو ڦيٽو
سواءِ ديدار جي دلربا

(٤) آهيان مجبور منهنجو نہ وس آ، ڏکيو ڏاڍو محبت جوڳس آ
ڏسي ڪير راهہ ٿي رهنما

(٥) ويا ڏک ڏاهريءَ ڪي وڪوڙي، ڇڏ محبوب تون منهن نہ موڙي
سڪ سيني کي ساڙي سدا

(٦) شل ادريس جي اڱڻ ايندين، اچي دلدار دلجاءِ ڏيندين
جدا جاني رهڻ ناروا..



اولاد جي صالح هجڻ جي لاءِ دعا:

ٽلهه: منهنجي ٻچن کي سائين سالم ڪر
دينداري ۽ متقي عالم ڪر

١: تنهنجي محبت ۾ مخمور رهن - فيض برڪت سان ڀرپور رهن
بڇڙن فعلن کان اهي دور رهن - تن کي دين جو خالص خادم ڪر

٢: سدا دل ۾ دين جو درد رکن- قرآن حديث کي سڪ سان سکن
کي پڙهائن کي ڪئين ڪتاب لکن - مقبول دُعاهي دائم ڪر

٣: هر غم کان سدا آزاد هجن - تنهنجي فضل سان خوش آباد هجن
تنهنجي ذڪر ۽ شڪر سان شاد هجن - دور تن کان دشمن ظالم ڪر

٤: هڪ عاشق ٻيو احسان الله - ٽيون ننڍڙو ٻچڙو اسدالله
هر روز پڙهن پيا ڪلام الله - هي ڪشش قلب ۾ قائم ڪر

٥: عبيد الله، ولي، ثناء الله - فاروق ۽ ننڍڙو صبغة الله
ڪن ذوق منجهاران ذڪر الله - تن کي نيڪ نمازي صائم ڪر

٦: منهنجون نياڻيون نمائيون نيڪ آهن
منهنجي خدمت دين ۾ ٺيڪ آهن
منهنجي حڪم کي چونديون لبيڪ آهن
تن کي دين سان فاضل فاهم ڪر

٧: هه ادريس جي خواهش آ رهي - آهي ڏاهريءَ جوهي سوال صحي
ڪر ڪرم ته ويندا درد لهي محبوب جي در جو ملازم ڪر

خلفاءِ راشدين ۽ امامَ سگورا

خلفاءِ راشدين (رضي الله عنهم) جي گڏيل منقبت

ٿلهه: آهن پــــاڳن وارا، آهــن پــــاڳن وارا
ابوبڪر ، عمر ، عثمان،علي سان پيار رکيو جن پيارا

١ : صــديق اول ايمان آندو مــحــبــوبن جي لاءِ هو مــاندو
قـــرآن آ يارِ غارِ ســـڏيو پڙهه ٻول اهي ٻاجهـــارا

٢ : ڪولي منو قرآن پڙهي ڏس، سهڻي عمر جو شان پڙهي ڏس
عــابد عــادل ڪامل هنيــا نينهن سندا جنهن نعــرا

٣: واهه سخا عثمان سندي آ، هر شئي سندس تعريف ڪندي آ
ننگدار نبي جو نيـــاڻُو آ، واهه بخت سندس ٿــيـــا پـــلارا

٤ : شـيـر خدا جوحـيـدر صـفـدر، ان جو لقب آ فـاتح خيـبـر
خاتون جنت جي گـهـوٽ سندا هئـا ڏيهــ اندر ڏهڪـــارا

٥ :حب انهن جي آ فرض اسان تي، آهي قدرتي قرض اسان تي
منڪـــر جي انهن جا مـــحـــشـــر ۾ ڪندا واويلا ويچارا

٦ : حسن حسين جي مدح مٺي آ صفت سندن هر طرح سٺي آ
ادريس انـهـن جي عظمت جا سچ چندبہ ســـلامي تارا

خلفاءِ راشدين جي منقبت ٢

ٿلهه: منهنجي حبيب عربي جا چاريار آهن
محبوب مصطفىٰ کان ٿيا دم نہ ڌار آهن

١: پهريون صديق سائين سيني کنان سوڀارو
عادل عمر ٻيو هو فاروق فرق وارو
اڄ تائين گڏ نبي سان سهڻا سچار آهن

٢: عثمان سائين ٽيون هونياٽو نبي جودلبر
اهڙو سخي نہ ٿيندو آهي سخا سندو گهر
قربان مصطفيٰ تان جنهن کيا هزار آهن

٣: خيبر جي جنگ جو فاتح مومن مٺو علي آ
هي گهوٽ فاطمہ جو بيگم، سندس پلي آ
ڪافر ڪُهي ڪنبايا حيدر ڪرار آهن

٤: هٿا پاڻ ۾ رهيا گڏ هڪ ٻئي جي سين هين محبت
برحق هئي ذات تن جي برحق سندن خلافت
منڪر سندن سدائين خاوند ڪيا خوار آهن

٥: ادريس ڪر پيو تون تعريف تن جي هر دم
ڏاهري نہ ڏسندين انشاءَ الله ڪڏهن ڪو غم
تن جي طفيلي تنهنجا ٻيڙا ئي پار آهن

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي منقبت ١

ٹلھ: خدا جي ذات کي پيارو سچو صديق اڪبر آ
ڪيو قربان محبوبن مٿان، جنهن مال سر گهر آ

١: مڪي ۾ جڏهن محبوبن ڏني اسلام جي دعوت
چيو صديق صدقي ٿيان آبيشڪ حق اهو حضرت
پڙهي ڪلمو پيغمبر تي، قبوليو دين دلبر آ

٢: شبِ هجرت هليو سرڪار، مدني مير سان گڏجي
پهاڙي پنڌ ڪيا پياري پيغمبر پير سان گڏجي
وجي سهٽي نبي سان گڏ رهيو منجهه غار گوهر آ

٣: جنهين کي ياد " اتقىٰ " سان ڪيو قرآن ۾ مولا
سين کان شان ۾ زياده چيو قرآن ۾ مولا
ڏسو "واليل" ۾ آڳي سندو ارشاد اظهر آ

٤: صحابن سين ۾ هي پهريون نمبر صحابي آ
سندس بابو صحابي ۽ ٻچا سڀ گهر صحابي آ
نبيءَ جو لاڏلو سهرو پيارو يار برتر آ

٥: بنايو پنهنجو نائب تنهن کي محبوب خدا سهٽي
خلافت هئي سندس حق هيئن چيو مشڪلڪُشا سهٽي
نبي جي عشق الفت ۽ محبت جوهي مظهر آ

٦: ڏسي هن يار ٻيڙي جي ڪماليت ۽ قربانيون
خدا ۽ مصطفىٰ تنهن تي ڪيون بيحد مهربانيون
رهايو تنهن کي روضي پاڪ ۾ مدني منور آ

٧: سدا ابر عنايت تنهن مٿان ادريس پيو وسندو
پنهنجي محبوب جو چهرو صبح ۽ شام پيو پسندو
نري ڪيئن دل نہ تنهنجي ساڻ جنهن سان دين پرور آ

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي منقبت ٢

ٿلهه: واهه سهڻي صديق جوشان اعلىٰ شان آ
ڪولي ڏسو قرآن ڪي - فائق جي فرمان ڪي
واهه سهڻي =====

١: صديق جي معنىٰ سچو - ڪڏهن نہ قولن جوڪچو
پڙهي ڏسو فرقان ڪي ڪولي ڏسو قرآن ڪي
واهه سهڻي =====

٢: فيض جو مظهر آ اهو - مرڪز مصدر آ اهو
قدر هوندو قدردان ڪي ڪولي ڏسو قرآن ڪي
واهه سهڻي =====

٣: عشق اندر ڪامل هيو هرجنگ ۾شامل هيو
صدقي ڪيئين جند جان ڪي ڪولي ڏسو قرآن ڪي
واهه سهڻي =====

٤: ساٿي محمد ميرجو - عربي گهوٽ امير جو
ناهي خبر نادان ڪي ڪولي ڏسو قرآن ڪي
واهه سهڻي =====

٥: بيعت جنهن جي ڪئي سين - سهڻي علي ءسائين ۽ ٻين
مجيائون تنهن جوان ڪي ڪولي ڏسو قرآن ڪي
واهه سهڻي =====

٦: هجرت ۾ هوگڏ گهوٽ سان - ڏاهري اڙٻن جي اوٽ سان
گهوري پيو سرسامان ڪي ڪولي ڏسو قرآن ڪي
واهه سهڻي =====

٧: ادريس ان جو نصيب آ -ڪني جنهن سان حبيب آ
راضي رکيائين رحمان ڪي ڪولي ڏسو قرآن ڪي
واهه سهڻي =====

حضرت عمر (رضي الله عنه) جي منقبت

ٿلهه: آهي پرورپاڪ جو پيارو - سهڻو فاروق اعظم يارو
او جنهن جي هٿ تي هزارين شهر فتح ٿيا

١: جنهن لئہ دعائون گهريون ٿي دلبر - سردار سونهاري سرور
اهو برڪت وارو پيارو - او جنهن جي هٿ تي هزارين...

٢: مٺي مدني جو صهرو آ- جنهن کي مليو وڏو بهرو آ
سو امير عدالت وارو، او جنهن جي هٿ تي هزارين ...

٣: هر حڪم مڃي پئي ڊرتي - جنهن جي صلاح سهڻي ورتي
پر منڪر کي آ مونجهارو - او جنهن جي هٿ تي هزارين ...

٤: سهڻي شير خدا جو جاٽو - جنهن ڀڳو ڪفر جو ڳاٽو
لڳو حق جو هر جاءِ نعرو - او جنهن جي هٿ تي هزارين ...

٥: گڏ ٻڪري شينهن چرن پيا - ڏسي محبت وارا ٺرن پيا
ٿي ظلم ختم ويو سارو - او جنهن جي هٿ تي هزارين ...

٦: جنهن شرڪ ڪفر کي جلايو -جنهن نيل تي حڪم هلايو
ڏٺو ڏيهہ سڄي هي نظارو - اوجنهن جي هٿ تي هزارين ...

٧: ادريس امير عمر جو - پڙهہ شان سدا دلبر جو
ٿيندو ان جي ڪري ڇوٽڪارو - او جنهن جي هٿ تي هزارين ...

سيدنا عثمان ذوالنورين رضي الله عنه جي منقبت

ٽلهه: حضرت عثمان جي عظمت ڏٺو
جنتي هن جوان جي عظمت ڏٺو

١: مصطفىٰ جي پڦيءَ جي نياڻيءَ جو پٽ
هن عظيم الشان جي عظمت ڏٺو

٢: مصطفىٰ محبوب جي ناٺيءَ سندي
مرتبي ۽ مان جي عظمت ڏٺو

٣: جنهن جو رکندا هئا ملائڪ خود حياء
صاحب فيضان جي عظمت ڏٺو

٤: جو تيو قرآن پڙهندي هو شهيد
قارئُ القرآن جي عظمت ڏٺو

٥: جنهن ڏني ترتيب هئي قرآن کي
جامع الفرقان جي عظمت ڏٺو

٦: گهور کيو جنهن مصطفىٰ تان مال زر
ان سندي عرفان جي عظمت ڏٺو

سهڻي علي رضي الله عنه جي منقبت:

ٿلهه: علي جي شهادت - نرالي نرالي
سندن آ سعادت - نرالي نرالي

١: ڄائو پاڪ ڪعبـہ اندر ڄام آهي - انهي لاءِ الاهي هي انعام آهي
دنيا ۾ جي انسان آيا انهن ڪان
سندن آ ولادت - نرالي نرالي

٢: امڙ جي اندر جڏهن ٿيو جلوه گرهو - ادب مصطفیٰ جو ڪندو سربسرهو
اٿو مصطفیٰ لاءِ امڙ کي چيائين
ڏسو هي ڪرامت - نرالي نرالي

٣: ڪڏهن بتن آڏو جهڪيو هو نہ جاني - ايڏي ڪئي خدا هني مٿس مهرباني
لقب "ڪرم الله وجهہ" سندن آ، سندن آ ڪماليت - نرالي نرالي

٤: آ صديق پهريون نمبر ٻيو عمر آ - خليفو ٽيو عثمان سائين ٽيون نمبر آ
علي شاهہ چوٿون خليفو خوشيءَ سان هلايائين خلافت - نرالي نرالي

٥: عقيدو سُنين وارو عقيدو علي جو - آ ان ۾ ادب هر نبي ۽ ولي جو
سُنين کي سندس هٿ مبارڪ مان مومن ملي ٿي ولايت - نرالي نرالي

٦: ڇا ڏاهري ٻڌائي سندس رفعتن کي - ڇا ادريس ڳائي سندس عظمتن کي
سندس پاڪ اولاد اطهار کي رب ڏني آ امانت - نرالي نرالي

حضرت امام حسن سهڻي جي منقبت

ٽلم: آحسن مجتبىٰ شان وارو ٻچو
منڙي محبوب جو مان وارو ٻچو

١: جنهن جي جيجل امان سيده زاهره، عابده ساجده طيبه ، طاهره
جنهن کي اهڙي ملي ماءُ برڪت ڀري - آهي بيشڪ سو ڀائو ڀلارو ٻچو

٢: جنهن جو بابو علي ، شاهه شير جلي - جنهن ڪٽيو ڪافرن کي ٿي هر هنڌ هلي
ان جو پهريون نمبر پٽ آ حضرت حسن
صاف سهڻو هي سيد سونهارو ٻچو

٣: جنهن کي سهڻي نبي پاڻ سيد سڏيو -
جنهن کي هر محل ڀرگهوٽ عربي گڏيو -
ان جي عظمت ۽ رفعت چئي ڇا سگهان - هر طرح هي نرالو نيارو ٻچو

٤: پندرهين رمضان تي چار چائو هيو - هي مدينه منور ۾ آيو هيو
مرحبا مرحبا ڪئي ملائڪن مڙي - واه وا دلربا هي دلارو ٻچو

٥: ظالمن جي زهر سان شهادت ملي
در حقيقت نرالي سعادت ملي
ڏاهري ڏک ڏسي امت مصطفىٰ - لاءِ ويو حاصل ڪري ڇوٽڪارو ٻچو

٦: عرض ادريس تنهنجو اگهائيندو رب - نيٺ سهڻي حسن سان ملائيندو رب
عيد ٿيندي جڏهن ايندو اکين اڳيان - سهڻي حيدرسندو جيُ جيارو ٻچو

حضرت امام حسين سائينءَ جي منقبت ١

ٿلهه: ياحسين ابن علي - توتي سلام
شير حق شر جلي - توتي سلام

١: تو مثل قرباني ڪنهن ڪانهي ڏني
سڀ پڙهن منٿا ملي - توتي سلام

٢: فرض آ هر مرد مؤمن جي مٿان
دوستي توسان دلي- توتي سلام

٣: تنهنجي صدقي تنهنجا عاشق ۽غلام
ويندا جنت ۾ ڪلي - توتي سلام

٤: فاطمه جو دلربا فرزند تون
ذات آتنهنجي پلي - توتي سلام

٥: لعنت الله تنهنجي منڪر جي مٿان
ويو اهو رهزن رلي - توتي سلام

٦: دائما در تنهنجي تي دلبر ڏين
حاضري ٿا سڀ ولي - توتي سلام

٧: فيض حاصل ڪرڻ جي لاءِ اي منا
تو سواءِ ناهي ڳلي - توتي سلام

٨: ڏاهري تو در اچي دلدار آ
باادب جهولي جهلي - توتي سلام

٩: عرض هن ادريس جو منٿا مجي
آهتي هيڪر هلي - توتي سلام

حضرت حسين پاڪ جي منقبت ٢

ٽلم: آ اصل ڪان عاشقن جو رهنما رهبر حسين
دائمــا دل ۾ رهي ٿــو دلربا دلبــر حــسين

١: جنهن جو نانو مــصطفىٰ بابو علي المرتضىٰ
فــاطمــه جيجل امــان ۽ ڀــاءُ حــسن المجتبىٰ
آ انهن ســيني جو جاني جيءَ جو جوهر حــسين

٢: مصطفىٰ محبوب تي سجدي اندر سواري ڪري
ڪنهن به شيءِ جي ڪين آقا ان سان انڪاري ڪري
دادلو دلبــر نبي جو آســخي ســرور حــسين

٣: راند ۾ حــضــرت حــسن ڏي رحــمــة للعــالمين
ٿــئي ته آحــضــرت حــسينؓ ڏانهن جبــرئيل امين
روح جي راحت نبي جي نور جو مظهــر حــسين

٤: ڪوبه هن شــيــر خدا جي شــيــر جهــڙو ڪونه آ
لــک يــزيــدي پر پرين جي پيــر جهــڙو ڪونه آ
ديندارن لئــه ويو ڪــولي دين جو دفــتــر حــسين

٥: آســخي حــاتم برابر ملڪ ۾ مــشــهــور آ
پر منهنجي دلبــر حــسينؓ سندي ته منزل دور آ
پنهنجو مٽ آ پاڻ پيــارو مــه لقــا منور حــسين

٦: هن ڀلاري جي ڀلائي ڇا بيــان ڪري سگهــان
آزبان عــاجز چوڻ ڪــان ڪهڙو شــان ڪري سگهــان
چنڊ چوڏهين ڪــان حــسين زياده حُسن پرور حــسين

۷: ڏاهري ڏس ڪيئن ويو امت لاءِ آساني ڪري
مسلمانن تي حسنڻ ويو مهرباني ڪري
ٿو رهي هر هڪ زبان تي هر گهڙي هرهر حسين

۸: درد جو هي داستان ادريس ڪهڙو ڪولجي
ڪين نہ ملندو ڪربلا جهڙو جي منظر ڳولجي
ويو ڏئي راهہ خدا ۾ اڪبر و اصغر حسين

حضرت حسين پاڪ جي منقبت ۳

ٽلهہ: مصطفيٰ مختار جو پيارو - شهيد ڪربلا
حيدر ڪرار جو پيارو - شهيد ڪربلا

۱: حق سندو هوڪو ڏنو ميدان ڪربل ۾ جنهين
فاطمہ زهرا جو دل وارو - شهيد ڪربلا

۲: مصطفيٰ جنهن کي کنيو پنهنجي ڪلهن تي پيار سان
مرتبو ماٿيو اهو يارو - شهيد ڪربلا

۳: ڇا ڪري ادريس عاجز جي زبان ان جي ثنا
ٿيو شهادت ساڻ سوِيارو - شهيد ڪربلا

آل پاڪ جي منقبت شريف

ٿلهه: جي عاشق آهين تہ ڪن ڪولي ٻڌ شان حبيب جي ٻچڙن جو
جي عارف ٿيڻ گهرين تہ پوءِ رک عرفان حبيب جي ٻچڙين جو

١: هيئن پاڻ گناهہ ۾ غرق نہ ڪر
اصحاب ۽ آل ۾ فرق نہ ڪر
هُو گڏ هئا گڏ رهندا آهي فرمان...

٢: بي ادب جي جاءِ جهنم آ
پر ادب واري کي نہ ڪو غم آ
ڪر ادب ادب سيکاري ٿو قرآن....

٣: جي گهرين تہ ٿين پورا مطلب
محبوب جا پٽ ۽ نياٽيون سڀ
سڀ مڃ هي پاڳن وارو آخاندان....

٤: هي وات غلط چو پيو ٿو وجين
هڪڙن کي مڃين نہ ٻين کي مڃين
اقرار بجاءِ انڪار نہ ڪر نادان....

٥: ڪربل وارا مُرده ناهن ، زنده آهن زنده آهن
دنيا کي مليو ٿو ملندو رهي فيضان....

٦: قرآن حديث ۾ ذڪر سندن
هر عاشق کي آ فڪر سندن
ڏينهن قيامت تائين خوش هوندو ثنا خوان....

٧: ڏاهري ڏک لهندا انهن صدقي
بگڙيل ڪم ٺهندا انهن صدقي
ادريس اسان تي آهي وڏو احسان...

ڪربلا جي شهيدن جي مدينه منوره سان موڪلائڻ:

ٽلھ: اجازت ملي ٿا ڪيون الوداع - اي نانا نبي پاڪ نور الهدیٰ -

١: اسان کي پسند پاڪ قرآن آ- مٿس گھور گھر ٻار جند جان آ
ڪيون ڏين تان دلربا سرفدا

٢: هي هر شي اوهان جي سهاري چڏي - وڃون ٿا مديني منجهان اڄ لڏي
ڏکين کي ڏکن ۾ ڏجو سڏ سدا

٣: تنهنجا پاڪ ٻچڙا پليتن هٿان -ڪُسن ڪيئن مگر ٿيو امر آ مٿان
اوهان کان ٿا ٻيوس ٿيون جانب جدا

۴: ڪڏهن ٿي ڪلهن تي ڪنيُو پيار مان - ڪڏهن روئي نڪرون ٿا
دربار مان
قلم هي ازل ۾ وهايو خدا

٥: ملن ڏک ته سي ڏاج ٿا پائيون - سهي سور امت کي بخشائيون
ڇڏايون گنهگار ميرا مندا

٦: اي ادريس ٿيو خوار ظالم يزيد - ڪٽيا ڏين دنيا حسينڻ شهيد
سندس در سڪندر به گولو گدا

ڪاملن جون قربانيون

ٿلهه: خدا جي نالي خداجي پيارن ٻچا ۽ سرمال گهر لٽايو
انهيءَ ئي مقصد عظيم لاءِ هو - حسين سهٽي ٻـ سر ڪٽايو

(١) ڏٺي جي آڏو جُهڪي جڏهن ٿي حبيب عربي ڪئي عبادت
صفوَنَ لتاڙي چڙهي ڪُلهن تي حسين حاصل ڪئي سعادت
نماز ۾ ناز ڪيائين تڏهن ٻـ حُضور هرگز نه ٿي هٽايو

(٢) مٺي محمد جي دين خاطر عباس اڪبر شهيد ٿي ويا
نبي جي نياٽي جي گود جا گل علي جا دلبر شهيد ٿي ويا
ميدان لڙندي مخالفن سان سهٽي قاسم نه هو گهٽايو

(٣) ڪٿي جو خيمو نهاري شهيد زينل ٿيو ته ساٿسارو ڪنوِيو آ
ڪٿي ڪربل آهي پيارو قاسم - ڪٿي حسين منو آ
امر الاهي جي اڳيان سهٽي نبي جي ٻچڙن نه منهن مٽايو

(٤) حُضور آقا جي امتين جو حسين رهبر ۽ رهنما آ
حشر ۾ نوجوان جنتين جو حسين رهبر ۽ رهنما آ
ڏکائي جن دل حسين جي سي پليد پاڙون ويا پٽايو

(٥) ڏسي ظلم ۽ زيادتون سڀ ٻچا ٻٽيا بي قرار بي وس
اکين ميان بي اختيار پاڻي وهائي رُنا زارو زار پيي وس
نه ننڊ نيٽن نه روح راحت، فراق آرام سندن ڦٽايو

(٦) ڏکن ٻنا ڏاهري نه ملندا دنيا ۽ عقبيٰ ۾ ڏاج ڪنهن کي
ڏنوهي ادريس امتحان جن ڏٺي ڍڪائينڊتاج تنهن کي
وسيا ٿي تيرن جا مينهن تڏهين ٻـ نيهن وارن نه ٿي نٽايو

رحلت کان بعد زنده

ٽلهہ: زنده آهن زنده، پرورجا پيارا زنده
انبياء شهداء اوليـاء الله زنده آهن تابنده

١: "وَاسْئَلْ مَنْ اَرْسَلْنَا" ۾ ڏس - پيارن نبين جي زندگي پس
"بل احياءٌ في قبورهم" فرمان آهي فرخنده

٢: "لَاتَقُوْلُوْا" چئي رب روڪيو - منهنجي شهيدن کي ڪين ٽوڪيو
کائن ۽ پيئن ٿا جنت ۾ - آ شان سندن پاينده

٣: شان شهيدن جو آ اعلىٰ - ڪيا پلارا باري تعالىٰ
دنيا ۾ تہ دعائون ڏين ٿا پر - احسان ڪندا آينده

٤: جن کي زندگي رب ڏيندو آ-تن کي قبر ۾ نہ ڪجهہ ٿيندو آ
جن کي محفوظ رکڻ وارو - آهي الله آفريننده

٥: هتي جو زنده رکي سگهي ٿو - هُتي بہ زنده رکي سگهي ٿو
مالڪ خالق الله مٿو - آ سيني جو سازنده

٦: ٻڌن ڏسن ٿا يقين آهي - چيو هي عربي امين آهي
هر سلام جو ٿا جواب ڏين - جو بيهي پڙهيو ڪنهن بنده

٧: قبر ۾ پڙهندا نماز آهن - ڏاهري ڪندا اُت نياز آهن
ادريس هي دلبر دين سندا -بيشڪ آهن داننده

مرشدن كريمن جون منقبتون



خواجه خواجگان حضرت عبدالغفار رحمت پوري عرف پير مٺا سائينءَ عليه الرحمة جي منقبت

ٿلهه: شـــڪـــر الحـــمـــد لله اڄ قلب کي قـــرار آيو آ
مـــٺل مـــرشـــد جي در تي حـــاضـــريءَ جو وارو آيو

١ : اسم عـــبـدالغـفـار سندن لقب آ پيـر مـٺـا سـائين
ڇڏي پنجاب کي سنڌ ۾ هي جيءَ جيـــار آيو آ

٢ : علم جو بحـــر بي پايان ولايت جو آهي والي
ڏسڻ ســـان سندن چهـــري ۾ وڏو چمـــڪـــار آيو

٣ : مليو سهڻي نبي کان فيض جو صديق اڪبر کي
هي ســهـــڻـــو فـــيض صـــديقي ورهائڻ يار آيو آ

٤ : قريشيءَ پيـر ڪامل کان مٺن تي هئي مهرباني
نـوازڻ نـاقــــــصـن کي هي دلـي دلـدار آيـو آ

٥ : ڏسڻ سان جنهن جي تي ذڪر خدا دل ۾ ٿيو جاري
ڪرائڻ عـــمـل سنت تي هي ســـاه ســـينگار آيو آ

٦ : هزارين چور، زاني ۽ شـرابي نيڪ صـالح ٿـيـا
خداونـدي ڪـرم جو هي ڪـرڻ اظـهـــــار آيـو آ

٧ : غلامـــن جي غلامـــي ڏاهـري ادريـس ڏيـنـدو آ
شـــڪـــر جو منهنجي قـــســمـت ۾ پرين جو پيـار آيو آ

مرشد ڪريم حضرت سهڻا سائينءَ جي منقبت:


ٿلهه: منهنجا پير پنهل پڳدارا! تنهنجي سهڻي سهڻي هلڻ تان
سو پيرا صدقي ٿيان ٿيان

١: ڪيئي مرده قلب جياري اهڙو فيض هلايئي
چور زاني بدڪار ۽ بڇڙا مولا ساڻ ملايئي
منهنجي ٻه اجايل دل آ ڏي عشق جو پيالو پيان پيان

٢: نظرڪري تو جيڏي نهاريان تنهنجي جماعت آهي
عشق خدا ۽ عربي جي سنت جي اطاعت آهي
تنهنجي جي تار لڳل آ تن ۾ تعريف پيو تو ڪيان ڪيان

٣: جيڪي اچن درگاه تي دلبر مڙئي برابر آهن
پيارا رهن ٿا پٽ تي سيئي توڙي تونگر آهن
دل ائين چوي ٿي دلبر اچي در جي ٻهاري ڏيان ڏيان

۴: دست بيعت جي دلبر ٿيا- ٿيا ڀاڳ انهن جا عالي
اميد آ ادريس نہ ويندا موٽي ڪڏهن سي خالي
مان ٻہ تنهن جي غلامي ڏيندس جيسين جانين پيو تو جيان جيان



حضرت سهڻا سائين عليه الرحمة جي منقبت ٣

ٹلھ: اٿئي جي ارادو ملي پير ڪامل تہ هن
جوان جي در هلي آ هلي آ
پلايون لکين برڪتون يار ٿيندڀون
خدا ڪولي تولاء ڳلي آ ڳلي آ

١: خدا جي فضل سان پري پند ڪونهي
ڪنڌياري جي پر پ ٿي وند وندڄي
اُهي پرجي موتيا جنين جانبن جي اڳيان يار جهولي جهلي آ جهلي آ

٢: دنيا ۾ نبوت مٽي مصطفیٰ کان بعد ڪين ڪنهن کي ڪڏهن يار ملندي
مگر روح کي راحت رسائڻ جي خاطر خدا جو هي ڪامل ولي آ ولي آ

٣: خدا واسطي ڪئين ڪيا قرب منڙي ڪن کو جهڙن مسڪين مفلسن تي
نگاهِ ڪرم سان انهن جي اندر ۾ شمع عشق واري جلي آ جلي آ

٤: انهيء در ڪان دلبر ملي درد ديني
لهن سور سارا ختم ٿئي بي چيني
جڏهن پاڻ آئين تہ ازخود مجيندي هي درگاهہ بيشڪ پلي آ پلي آ

٥: ڏسي محنتون منهنجي مرشد مٺي جون ڪيو قرب قادر ۽ محبوب مرسل
ٿيا راضي صديق فاروق عثمان حمايت ۾ حيدر علي آ علي آ

٦: سڏائن تا ڪئين پاڻ کي پير پيا پر بنا عشق عربيء امانت نہ ملندي
چڏي جن شريعت ۽ سنت سڳوري ڪئي دعویٰ سا دعویٰ نلهي آ نلهي آ

٧: ڪري خير خواهي ڏنئي ڏاهريء ڏس
مجي يا نہ مج هي ادا تنهنجي مرضي
هن ادريس عاجز سچائيء سان سهڻا ڏني توکي دعوت دلي آ دلي آ

حضرت سهڻا سائين عليه الرحمة جي خدمت ۾ عرض:

ٽلھ: عجب تنهنجي دربار دلدار منهنجا اچي ڪوبہ سوالي تہ خالي نہ ويندو
وٺي جو وسيلو تنهنجي درجو دلبر گهري دُعا تہ ان کي خدا ڏاج ڏيندو

١: مثل دل جياري خدا سان ملائڻ - برن کان بديون ۽ برا ڪم ڇڏائڻ
اهو ڪم اوهان جو آ مشهور منڙا پرين پانهنجو ۽ پرائو مڃيندو

٢: تنهنجي ذات جامع صفاتِ ولايت - اوهان کان پرائي هزارن هدايت
خزانا خدا جا وٺي ڏي محمد - تہ ٽنگدار ويهي تون آهين وندينڊو

٣: تُنهنجي ذات پيارا ڪرم جو ڪڪر آ- مريدن کي ڪوني نہ هت هُت فڪر آ
ارادت عقيدت محبت رکي جو - تيو دست بيعت ويو جهوليون پريندو

۴: غلامي قبولي منا لنئون مون لاتي - ڇني ڪين ڇڏجو خطادار خاطي
قبر ۽ حشر ۾ ڪجو قربداري - توهان جي طفيلي بيڙو پار تيندو

٥:يقين اوهان جي غلامن مان آهيان - اوهان جو سڏائڻ پلائي ٿو پانيان
حشر ۾ بہ هوندي اوهان جي عنايت - تہ پوءِ ڪير مون کي جنت کان جهليندو

٦: ڪنو ڪو جهڙو تہ بہ ڪجو پار پيارا - هي ادريس ڏاهري خدا لڳ خدارا
برو تہ بہ سڄڻ پنهنجو سمجهو توهان ريءِ پلا مون کي پيو ڪير ڊولڻ ڊڪيندو.

مرشد ڪريم جي قرب جي ڳالهه

ٿلهه: تنهنجي قرب ڪئي دل قيد پيارا، منهنجا رهبر ڪامل قرب وارا
مون بي وڙي جي ڪني ڪوجهڙي جي، لهه سا رسهٺا

(١) ڏئي دين جو درد بي دينن کي، ڪيئي صاف نگاهه سان سينن کي
آندا سهٺل سائين، تو سڌارا، منهنجا مرشد ڪامل قرب وارا

(٢) وهوا فيض فقير پوري تنهنجو - حيران عقل آ هر ڪنهن جو
لڳا نيهن سندا هر جاءِ نعرا - منهنجا مرشد ڪامل قرب وارا

(٣) هتي الهه آباد ڪيئي- ناشاد دلين کي شاد ڪيئي
تنهنجا پال پلايون ڪئين پلارا - منهنجا مرشد ڪامل قرب وارا

(٤) تنهنجي سيرت صورت پاڪ ڏسي، تنهنجا عمدا عجب اخلاق ڏسي
پيا سام سوين ڪوجها ۽ ڪارا، منهنجا مرشد ڪامل قرب وارا

(٥) دامن ورتم دلبر سمجهي - دين دنيا ۾ رهبر سمجهي
ميٺيو منهنجون مدايون ۽ مونجهارا - منهنجا مرشد ڪامل قرب وارا

(٦) ادريس عنايت پائيندو - ڳڻ قيامت تائين ڳائيندو
رکو دعا ۾ ياد سدا دلارا - منهنجا مرشد ڪامل قرب وارا

حضرت مرشد سچڻ سائين جي منقبت

ٿلهه: خدا جا پيارا، سچڻ سوپارا،
ولايت جو تون والي آعزت تنهنجي عالي

١: پرين پيار توکي پهريان مليو مثل پير جو
رکيو نالو محمد طاهر سائينءَ تو صغير جو
اهي ئي عظمتون هن،نراليون نعمتون هن - ولايت جو تون والي ..

٢: عقل علم تنهنجو سائين اعلىٰ عجيب آ، اوهان کيو راضي رب ۽ رب جو حبيب آ
پلائي ٿيندي آ تہ هر شيءِ ايندي آ - ولايت جو....


٣: منا مهرباني توتي حيرت انگيز آ - هزارين فقيرن حاصل کيو توکان فيض آ
تنهنجي در جي اچي ويا، نمازي نيڪ ٿي ويا ولايت جو تون والي ...

۴: دين جي حوالي کئي تو جانب جواني آ
تڏهن کئي مالک توتي وڏي مهرباني آ
دنيا ۽ دين تو وٽ - نہ کا شيءِ گهوٽ آ گهٽ - ولايت...

٥: خدا جي ولين واري صفت سهڻي سونهاري
آ تو وٽ پيارا تنهنجي طبيعت پرين پياري
زنده آباد سدائين، هجين تون سچڻ سائينءَ ولايت .....

٦: هي ادريس رکندو سيني پيارن سا پيار آ،
اوهان جو تہ خاص خادم نجو نروار آ
حقيقت ظاهري آ، اوهان جو ڏاهري آ
ولايت جو تون والي، آ عزت تنهنجي عالي -

اِگين بزرگن جون منقبتون



حضرت غوث اعظم سهڻي جي منقبت ١

ٿلهه: ولين سين جو سائين منهنجو دستگير آ
پيا پير تنهنجا منهنجا هي پيرن جو پير آ

١: جمندي چام رکيو روزو رمضان شريف جو يارو
امڙ جي پيتان جوان جيلاني بنجي آيو پلارو
دنيا تي اچڻ کان اڳ ۾ ولايت جو وير آ

٢: امڙ چيس اي عبدالقادر کوڙ نہ کڏهين چئجان
دنيا خاطر باطل آڏو پيش نہ پتڙا پئجان
نظر کر تہ نانو تنهنجو مديني جو مير آ

٣: واٽ تي ويندين چورن پڇيس پڇڙا تو وٽ ڇا هي
کلي چيائين ويهہ اشرفيون سون سبيل هي آهي
کڏهن کوڙ کين چوندس سچ منهنجو سير آ

٤: ڏسي صداقت سيد جي سڀ توبہ تائب ٿيڙا
مريد محي الدين جا بنجي فيض جا صاحب ٿيڙا
مهربان تن تي ٿيو کيئن قادر قدير آ

٥: ادريس اهڙي مرشد جو ڇا شان بيان کيان مان
مال ۽ ملڪيت جان جسم هي کل قربان کيان مان
کندو قربداري پنهنجي قربن کثير آ

سيدنا غوث اعظم جي منقبت ۲

ٿلھ: دلبر نبي جو دادلو - آ پير پيران محي الدين
ڏک سُک ۾ بيشڪ پرجهلو - آپير پيران محي الدين

۱: نالو قادر جو عبد حسني حسيني نسب ۾
جنهن کي ڪيو باريءَ پلو......

۲: ڄمڻ کان ئي پهريان [illegible] ان جي خبر عربيءِ ڏني
ڄمندي پلو سهڻو سلو....

۳: علم جو عالم وڏو قرآن جو قاري هيو
سهڻو مليو جنهن کي صِلو......

۴: راتيون جاڳي دعائون پاڪ پرور کان گهري
ڪيو جنهن مريدن جو بِلو....

۵: پورا پندرهن سال هر هڪ رات ۾ ختمون ڪيي
هيڏي همت ۽ حوصلو......

٦: جن کي سورن سختين ڪيو تنگ تن کي ٿو چوان
هن دلربا جي در هلو....

۷: ٻچپني کان آهي بادشاھ پير سان منهنجو پيار
هرگز ڇڏيندو نہ هيڪلو........

۸: ڏاهري ادريس کي آهي دعا دلبر سندي
مڙئي مريدخوش ٿي کلو...........

سيدنا غوث اعظم جي منقبت ٣

ٺلهہ: تنهنجو منهنجو سڀ جوپير آدستگير دستگير آ

(١) حسن ۽ حسين جو ٻچو - خالص آهي سيد هي سچو
ونڊ ونڊڻ وارو وير آ - دستگير دستگير آ

(٢) مصطفىٰ سنڌ خبر ڪئي - جمڻ ڪان اڳي پچر ڪئي
عاشقن سندو امير آ- دستگير دستگير آ

(٣) ڪيو ڪريم ان مٿان ڪرم - هرولي جي ڪنڌ تي قدم
واهہ ماهہ هي منير آ - دستگير دستگير آ

(۴) فيض ڪين تو ملي مٿان، ٻيا ولي وٺن سندن هٿان
هي پيارو بي نظير آ- دستگير دستگير آ

(٥) جن قدم مجيو ڪتي ويا، ٿيا تباهہ جي هٿي ويا
پوءِ صغير يا ڪبير آ- دستگير دستگير

(٦) سڪ سان جيڪو غوث کي سڏي، تنهن کي پاڻ سان تو گڏي
توڙي هيٺو يا حقير آ - دستگير دستگير آ

(٧) اڄ بہ مهربانيون ڪري - تو جيلاني جهوليون ڀري
هي حضور جو وزير آ- دستگير دستگير آ


(٨) دعا سان ٻيڙو ٻڏل هو تريو - سات سارو و.يل هو وريو
سندن دعا ٺڪي ڪان تير آ- دستگير دستگير آ

(۹) غوث جڏهن ڪلام ٿو ڪري، هر ولي سلام ٿو ڪري
فيض وٺندو هر فقير آ - دستگير دستگير آ

(۱۰) سنڌ هند عرب ۽ عجم - سڀ ڪريم جو مڃن قدم
مگر شور ڪيو شرير آ - دستگير دستگير آ

(۱۱) ڏاج ڏاهري مليا اٿئي، بخت واهه جا کُليا اٿئي
قرب توتي ڪيو قدير آ - دستگير دستگير آ

(۱۲) چا تون ادريس چا ڪرم، پيو ڏسين حبيب جو حرم
تولاءِ هي ڪرم ڪثير آ- دستگير دستگير آ



حضرت قلندر شهباز سيد عثمان مروندي جي منقبت

ٽلھ: اڳواڻ عشاقن جو شهباز قلندر آ
سُني سني دلدار هي دلبر آ

١: سُني ساداتن جو هي سهڻو گهراڻو آ
الله نوازيو هي منار منور آ

٢: عثمان سندس نالو معروف آ ملڪن ۾
نالو ئي ٻڌائي ٿو سني هي سرور آ

٣: بدڪاريءَ جو مرڪز ڪيو ختم خدا واري
هي فيض جوبحر پلو دلتار دلاور آ

٤: سني نہ مڃي جيڪو شهباز قلندر کي
دلدار جي در تان تڙيل مردود سومنڪر آ

٥: سيوهڻ کي شرف مليو هن سهڻي جي صدقي
رکبو نہ ڪٿي جنهن کي هي راهہ جو رهبر آ

٦: اولاد عليءَ جو ۽ اصحابن جو عاشق
عثمان عمر هن سان گڏ صديق اڪبر آ

٧: زانين کان زنا ڇڏرائي ڪامل ڪرامت سان
هن ملڪ سموري ۾ مشهور هي منظر آ

٨: گستاخن ٽولن جوحق کھڙو حضرت ۾
هي اصل سني سهڻو اولاد پيغمبر آ


٩: قبضي سان ڪڏهن ڪنهن جوحق ثابت ڪيئن ٿيندو
سنين جو حق آهي حق حق آخر آ

١٠: اي زائر زيارت ڪر سجدا ۽ طواف نہ ڪر
سجدا ۽ طواف ڪندڙ بي دين ۽ بدتر آ

١١: عورت ڪي بنا پردي الله جي ولين وٽ
ڪڏهين نہ وٺي وڃ روڪيو عربي اطهر آ

١٢: رنڊين جي راڳن ۽ ناچن جي نچائڻ سان
راضي نہ ولي ٿيندا ارشاد هي اظهر آ

١٣: ادريس اکين هوندي اهي صفا انڌا آهن
ڏاهري جن دين ڇڏي بي دين ڪيو برتر آ



سهڻي ڀٽائي عليه الرحمة جي منقبت:

ٿلهه: سونهن سنڌ جي شان وارو آ لطيف
مرتبي ۽ مان وارو - آ لطيف

١: سرورِ ڪونين جو صالح ٻچو - پاڪ پرور ڪي پيارو آ لطيف

٢: اسم عبداللطيف آ اعلىٰ سندس - نسب ۾ بيشڪ پلاروآ لطيف

٣: سندس پيارو پيءُ شاهه حبيب آ - اهل دل سهڻو سونهارو آ لطيف

٤: اوليائن جي جماعت ۾ هي جوان - دلربا دلبرّ دلارو آ لطيف

٥: ذات ۾ ۽ صفات ۾ اعلىٰ عجيب - قرب ۾ ڪامل قرارو آ لطيف

٦: ذڪر ۾ جنهن پوري ڪئي هئي زندگي- قلب ڪاري جو اجارو آ لطيف

٧: دُعا گهرجي دل ساڻ پرور پاڪ کان - سڀ جو لاهيندو مونجهارو آ لطيف

٨: عشق جي ميدان جو هي مرد آ - هر مرحلي ۾ سوپارو آ لطيف

٩:مظهرِ عشقِ محمد مصطفىٰ ﷺ- سونهن ۾ روشن ستارو آ لطيف

١٠: منقبت ان جي لکي ادريس چا- ڏاهريء ڪي ياد يارو آ لطيف

خواجه خواجگان حضرت امام رباني قدس سره النوراني جي منقبت : ١

ٽلھ: نقشبندين جو امام رباني پيارو پير آ
راز روحانيت جا ڏيندڙ هي ماه منير آ

١: عالمِ ارواح ۾ هن کي ملي منزل وڏي
جنهن جي دُعا سان ٿي وئي تبديل منجهه تقدير آ

٢: هن وُجودين ۽ شُهودين جا مسئلا حل ڪيا
شيخ آهي حديث جو ۽ صاحب تفسير آ

٣: ظاهري ۽ باطني علماء جو آقا رهيو
سين کي مليو سندس در تان ڪمال ڪثير آ

٤: حضرت فاروق جو فرزند فائق هر طرح
بالڪل پيارو بي مثل بيشڪ اهو بي نظير آ

٥: "من توسل بللڪ" سندن فرمان عاليشان آ
سندن عظمت جوسلامي هر صغير ڪبير آ

٦: ڏاهري ادريس کي هي سلسلو سهڻو مليو
هي مهرباني ڪئي رب ۽ محمد مير آ

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي منقبت ٢

تلهه: خدا پاڪ ۽ مصطفىٰ جا پيارا! امام رباني امام رباني
تنهنجي صدقي مالڪ تو لاهي مونجهارا!امام رباني امام رباني

(١) تون فاروق اعظم جو اولاد آهين، تون غمگين دل کي ڪندو شاد آهين
اچن تنهنجي در ڪنين تا الله وارا! امام رباني امام رباني

(٢) حقيقت جو حامي شريعت جو عامل معرفت طريقت ولايت ۾ واصل
انفسي، آفاقي ڪيئي سير سارا! امام رباني امام رباني

(٣) تنهنجو سهڻو والد وڏي فيض وارو - هيو قادري چشتي سلسلي ۾ پيارو
ڪيا ڪيئي روشن انهي قلب ڪارا! امام رباني امام رباني

(۴) ابوبڪر عمر جي الفت ۾ توسان - آ عثمان حيدر جي شفقت ۾ توسان
تو سان گڏ حسن ۽ حسنينؑ پلارا امام رباني امام رباني

(۵) تنهنجو پير ڪامل مٺو باقي بالله، تنهنجي نظر سان ڪئين ٿيا فاني في الله
لکن جي اندر ڪي اجاريئي اجارا امام رباني امام رباني

(٦) صحابين، امامن جي نسبت جو مرڪز، تون اهل سنت جي عقيدت جو مرڪز
هٹن نينهن وارا سدا تنهنجا نعرا! امام رباني امام رباني

(٧) تنهنجي در جو نوڪر آ ادريس عاصي، تنهنجي ذات ۽ تنهنجي پيارن جو پياسي
آ ڏاهري ارادت ۾ خالص خدارا امام رباني امام رباني

حضرت خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري جي منقبت

ٿلهه: خواجہ محمد زمان پيارا -تو وٽ رحمت جا وسڪارا

۱: فيض ورهايو واهہ توسائين، راضي ڪيو الله توسائين
تنهنجي نظر جا ڪئين نظارا

۲: نقشبندي نوراني آهين - ولين جو تون جاني آهين
ڪئين پلايون تو پر پلارا

۳: سهڻي صديق جي آل تون سائين - صاحب قرب ڪمال تون سائين
تنهنجا مريد محبت وارا

۴: ذاتي ذڪر تو اهڙو ڪمايو - پٽائي گهوٽ هو تو وٽ آيو
ڏيهہ اندر تنهنجا ڌڪارا

۵: ڏاهري محمد صالح شائق، گهوٽ گرهوڙي بہ تنهنجو عاشق
هر جاءِ لڳايئي نيهن جا نعرا

۶: جيڪي عقيدت سان هت آيا، تن جا ٿيا سپ سوال سجايا
دُعا گهرو تن لاءِ دلارا

۷: ڏاهري ڪي ڏي ذات اي سهڻا - قلبي تجليات اي سهڻا
ادريس جامع عرض خدارا

استاذي استاد العلماء حضرت مولانا حاجي محمد اڪتڙائي عليه الرحمة جي منقبت:

ٿلهہ: لک رحمتون ٿئي پرور جا پيارا
منهنجا سهڻا - استاد سائين سونهارا

١: ڏيئي ديني تربيت تلقين سائين - پڙهايا تو مفلس ۽ مسڪين سائين
اسانجي آ دل کي هي يقين سائين - تنهنجي جاءِ جنت آهي جيءَ جيارا

٢: مالڪ جي توتي وڏي مهرباني - ڪئي وقف تو دين لاءِ زندگاني
الله‌ڪارڻ منهنجا محب جاني - ڪيئي قرب ڪو جهن تي ڪامل قرارا

٣: تون ٻچپنيءِ کان صوفي ۽ سالڪ - تون سهڻي سيرت صورت جو مالڪ
محبوب مدني عربي جو عاشق - وهوا خُلق سهڻو تنهنجو خدارا

۴: تون نيڪ غازي مرد مجاهد - ذاڪر ۽ شاڪر زبردست زاهد
باادب با فيض عالم ۽ عابد - تنهنجو فيض هرجاءِ هلي فيض وارا

۵: تنهنجون رحمتون شفقتون ڪين وسرن - ڪري ياد سائين سوين سور سنبرن
بي وس ٿي دل مان دانهون ٿيون نڪرن - ڪنهن سان سلون اندر جو سور سارا

٦: ادريس تي لک احسان تنهنجا- هڪ مان نہ سپ ڪن ٿا شڪران تنهنجا
جي مزار تي ٿيا مهمان تنهنجا- ڪٽي هٿ انهن لاءِ گهرو دُعا دلارا

حضرت سلطان باهو جي منقبت ١

ٹلهہ: حق باهو، برحق باهو، تنهنجي شان ۾ ڪونهي شڪ باهو!

١: تنهنجو والد ماجد فاضل هو
محبوب جي عشق ۾ ڪامل هو
جنهن تي ٻہ نظر ٿي واصل باالله
ٿيو ٿهہ پهہ سو ٽڪ باهو!

٢: تنهنجي جيجل ماءُ ڪمال واري
خاتون جي فيض جمال واري
ٻنهي پيار سان توکي پاليو هو توتي هنا منٽڙا مشفق باهو!

٣: چا ذڪر آ تنهنجي نصيب سندو
آهين دادلو رب ۽ حبيب سندو
تنهنجي مرشد غوث اعظم جو آ مريد مغرب مشرق باهو!

۴: جي ادب عقيدت سان ايندا
تنهنجي در تي مطلب ماڻيندا
هي ڳالهہ آ ظاهر ان ۾ ناهي، لائق ڪنهن ڪي لِڪ باهو!

۵: تون حافظ عالم سائين هئين
ڏيندو دين جو درس سدائين هئين
هئي ذڪر درود سان تنهنجي محفل ۾ وهوا رونق باهو !

٦: تون سنت نبوي جو عامل
تون قرب ڪرامت ۾ ڪامل

هو تو ۾ شــريعت مـــصطفــوي جو
عـــمل، ادب ۽ عـــشق بـاهو!

۷: وهـــواهـــ كـــرامـــت تـــو ۾ هـــئـــي
بي حـــســـاب كمـــاليت تو ۾ هئي
ڏاهـري ادريـس كـي ســـيـــنـي ۾
آ ســـــدائين تـنـهـنـجي سِڪ بـاهـو!



حضرت سلطان باهو عليه الرحمة جي منقبت ٢

ٿلهه: دل جي دنيـــا کي جو ٺـــاهي، حق باهو حق باهو آهي

(١) والد صاحب حافظ قرآن ، صاحب فيض و فضيلت عرفان
هيءَ ڪرم مـــعـــمـــولي ناهي - حق باهو حق باهو آهي

(٢) قـرب ڪرامت کهـڙي ڳايان، علم عنايت کهـڙي ٻڌايان
هرڪو سندن کي ٿـــو ســاراهي - حق باهو حق باهو آهي

(٣) علمي دنيا ۾ قدم رکيائون، هڪ سؤ چاليهہ ڪتاب لکيائون،
دعـــائن ســـان ڇڏيئـــون غم لاهي - حق باهو حق هو آهي

(۴) جي بہ عـقـيـدت رکندا آهن- فـيض جي چاشني چکندا آهن
تن جون خطائون خدا ٿـــو ڏاهي - حق بـاهـو حق بـاهـو آهي

(٥) ريس نہ رب جي پيـارن سان ڪر - حسـد نہ الله وارن سان ڪر
رب جي مـــرضي جنهن کي چاهي - حق بـاهـو حق بـاهـو آهي

(٦) ادريس عـــاشق اعلىٰ آهن. بيـــشـڪ برتر بالىٰ آهن
عـــشق جي بحـــر ۾ ڪُڏي پؤ ڪاهي - حق باهو حق باهو آهي



سيد محمد راشد سهڻي روضي ڌڻيءَ قدس سره جي منقبت

ٿلهه: روضي ڌڻي جي رمز ۾ جو ٿيو فنا سو فقير آ
ان کي نہ ڪاپرواهہ آ جنهن جو هي پيارو پير آ

١: عشق جا اسباق جهنگ جهر ۾ پڙهايئين پيار سان
سيني سلسلن ۾ منا ماهر هي ماهہ منير آ

٢: پٽ ڌڻي جو پيارو پُٽ محمد راشد نالو سندس
پيءُ ٿيو شهيد تہ پُٽ نبي جي عاشقن جو امير آ

٣: نسب ۾ سيد سچو حضرت حسين سندو ٻچو
جن محب سان محبت رکي تن جو ٿيو ٻيڙو پار آ

٤: اي فقيرو ادب رکجو مصطفیٰ محبوب جو
ان کان پڇجو بي ادب بڻيو شيطان شرير آ

٦: دل لڳائي مائرون ۽ پينرون سيئي ٻڌو
پردو ڪيو فرمائيو هيئن سهڻي مدنيء مير آ

٧: هر ستاويهين رجب تو ڏاهري ڏوري اچي
ادريس ولين جو اصل کان دل سان دامنگير آ

حضرت غوث العالم ملتاني عليه الرحمة جي منقبت

ٿلهه: ملتاني ماهه و هوا كامل كمال تنهنجو
مشهور ملڪ ۾ آ جانب جمال تنهنجو

١: تنهنجو اسم مبارک - آ حضرت زڪريا
تون هاشمي نسب بهتر بي مثال تنهنجو

٢: عارف بالله عاشق محبوب مصطفىٰ جو
مقبول آ منا رب وٽ قيل قال تنهنجو

٣: تون سهروردي سهڻو سرتاج سالڪن جو
مدني منو بہ تنهنجو رب ذوالجلال تنهنجو

٤: مرشد شهاب سهڻي ڪئي توتي مهرباني
پيو ڪو چا سمجهي سگهندو روحاني حال تنهنجو

٥: تنهنجا مريد آهن - هرجاء سنڌ هند ۾
فياض فيض جاري آلا زوال تنهنجو

٦: عالم وڏو علم جو قرآن جو تون قاري
هو حق سندي حوالي ملڪيت ۽ مال تنهنجو

٧: بي دين ڪئي سڌاري - ڪيئي ديندار دلبر
هو دين جي خدمت ۾ خاص خيال تنهنجو

٨: هي ڏاهري رکي ٿو- تو ساڻ پيار پيارا
ادريس کي پلارا گهرجي ٿو پال تنهنجو

جتن ڏني جهوري

ٽلهه: ڇونہ روئي هيءُ ڇوري ڇوري
جنهن کي جتن ڏني جهوري جهوري

١: جيـــڏيون جتن جي ذات زوراور
پـنـهـل وٺـي ويـا رات زوراور
نـنـڊ ۾ ڇڏي ويـا نـدوري نـدوري

٢: جان ڪٿي جاڳي ڪير بہ ڪونهي
ڪاٿي پنهل جو پيـر بہ ڪونهي
پـنـهـل وٺـي ويـا ڇوري ڇوري

٣: روئڻ بنا جنهن جي رات نہ گذري
پيارو پنهل جنهن کان ويل نہ وسري
لـنـؤ لـنـؤ ۾ اٿـس لـوري لـوري

٤: جبلـن ۾ پـئـي ڏُکـي ۽ ڊوڙي
پيـــر پـنـهـل جو ويچاري ووڙي
گـوٺ پنهل تان گـهـوري گـهـوري

٥: دل پنهنجي بيـقـرارکيـائين
پرديسيءَ ســان پيــار ڪيـائين
پلجي وئي هئي پـوري پـوري

٦: ادريس عــشق نہ آســان آهي
عــــشق ۾ اول ڏبي جان آهي
عــشق جي ڳالهـہ آ ڳوري ڳوري


چڙن جون چونگارون

ٿلهه: ﭘﮣﻴﻮن مون آهن اڄ چڙن جون چونگارون
ڪاهي وينديس وڃي ملنديس متان ڏي ميارون

١: دلو جي ﭘﭽﻲ پيو پرواهه ناهي - ڪنديس ميهر ميهر جيسين ساهه آهي
مددگار منهنجو الله آهي پاڻهي لهندو منهنجون سارون سنڀارون

٢: تو صبح سويرو اُٿي دوست دلبر - اڳيان مينهون هونديون ﭘﻨﻴﺎن محب ميهر
اها آس منهنجي ڪري پوري پرور - اکين سان ڏسان مان ڪُنڍين جون قطارون

٣: هڪ درياءَ دڙڪا پيو دهوم دهشت - تيون ڪُن ڪڙڪا هوندي ڪيڏي هيبت
ادريس سهڻي جي ڏس تون محبت، لڙهندي به تن ۾ هيون تنهن کي تنوارون



محبوب سان ملڻ لاءِ درخواست:

ٿلھ: دانھــون دل تي ڪري اوڪري الا
مــولا مــونکي مـلاءِ مـحـبـوب سـان

١: سـهـڻل يار سـواءِ هتي الا مــيـان
ساعت ڪين سري او سري الا مولا ==

٢: ڪيـئـن ڪيــان ڪاڏي وڃان
پياري جو پنڌ آ پري او پري الا مولا ==

٣: ســورن ســاڙيو ســاھہ ڪي
باھہ برھہ جي ٻري او ٻري الا مــولا ==

٤: جانيءَ اڳيــان جهـولي جهليــان
پـورل ڏيندو پـري او پـري الا مــولا ==

٥: راتيــــان ڏيـنـهــــان روئـندي
ڏاهري دل تي ڏري او ڏري الا مــولا ==

٦: عــشـق ا ســنـد ر ادريس چئي
جان ڳـٽـتين ۾ ڳري اوڳري الا مــولا ==

سيدنا اويس قرني عليه الرحمة جي منقبت:

ٽله: وهوا اويس قــرني كامل كمـــال تنهنجو
كيـــو مــرتبـــو مـــثـــانهـــون رب ذوالجلال تنهنجو

١: نالو نسب اوهان جو مـــدني مـــٺي ٻڌايو
كونهي كو تابعين ۾ مٽ ۽ مـــثـــال تنهنجو

٢: تون تابعي ملڻ لاءِ آيا تو وٽ صـــحـــابي
ايڏو آهي روحـــاني جانب جمـــال تنهنجو

٣: لاهي لٿـــا بدن تان لله تو ڏنا سڀ
مـــحـــبت بنا نہ هوكو منٺـــار مـــال تنهنجو

٤: جيجل امان جي خدمت توكئي خوشيءَ سان وهوا
آيو پسند پرين كي ســـهـــڻـــو خيـــال تنهنجو

٥: ظاهر ۾ هئين پري پر باطن ۾ گهوٽ سان گڏ
كو صاحبِ حقيقت سمجهي هي حال تنهنجو

٦: دُعـــا كر تہ ڏاهريءِ جا ڏاتار ڏكـــڙا لاهي
مـــقـــبـــول آ خداوٽ سـائين سـوال تنهنجو

٧: ادريس كي اويسي نســـبـــت اچي عطا كر
رب پاك ســـان آ پيـــارا واصل وصـــال تنهنجو

حضرت سائين عبدالغفار ثاني مدظله العالي جي منقبت

ٽلھ: اهلسنت جي جيءَ جو جاني سائين عبدالغفار ثاني

١: بيشڪ آهي يار پلارو - پير مٺي جو ٻچڙو پيارو
سيرت صورت ڏس نوراني - سائين عبدالغفار ثاني

٢: هتي نہ غير سني ڪو هلندو گستاخ ڪائي چال نہ چلندو
مالڪ جي آمٿس مهرباني- سائين عبدالغفار ثاني

٣: سنيت ۾ ٿي آهي پيري - سنيت ۾ ئي آهي فقيري
سني ٿيندو فی الله فاني - سائين عبدالغفار ثاني

٤: ذڪر خدا جو هتي هلي ٿو - فيض خداوارن جو ملي ٿو
ڪتي ويندا جن ڏني قرباني - سائين عبدالغفار ثاني

٥: هن درتان ويا رڱجي پيارا - مرشد الله آباد وارا
تن جي درجي ڏنيم درباني - سائين عبدالغفار ثاني

٦: حڪم ڪندا تہ حاضر ٿيندس - ادريس انشاءَ الله ايندس
جيسن بخشي رب زندگاني - سائين عبدالغفار ثاني

زندگي سجائي گذارڻ جي صلاح

طرز= جئين هن دنيا مان، گذاريا ڏينهڙا سين.

ٽلهه: اُٺي ڪر عبادت عمر ٿو وڃائين
مٿان موت موڪلا سڏئي پيو سدائين

(١) چڏي ويا دنيا کي سڪندر ۽ دارا
رهيا ڪين ڪي خود پيغمبر پيارا
تہ پوءِ ڪيئن تون رهندين سدا منهنجا سائين

(٢) ڪٽي خالي هٿڙا آ هڪ ڏينهن هلڻو
خدا پاڪ ۽ مصطفيٰ سان ملڻو
سُٺي سال گذريئي نٿو ڪجهہ ڪمائين

(٣) ڏسي عيش عشرت نہ مغرور ٿي تون
پڄي بي حيائين ڪنا دور ٿي تون
ڪيل قول رب سان نٿو تون نڀائين

(٤) هتي سيج پلنگن مٿائون سمهين ٿو
سينيمائون ۽ ناٽڪ نياڳا گهمين ٿو
ٻڌي پاڪ قران نہ ٿو سرُ نوائين

(٥) ڏيئين ڏس ذرا خيال سان ٻڌ خدارا
هلي منهنجي دلبر سان سل سور سارا
ملئي ونڊ پوءِ ڏس تہ ڪِئن ڪيئن ٿو ڳائين

(٦) سگهو ڪر اي ادريس سعيو سفر جو
سدا رهہ ٿي خادم تون دلبر جي درجو
وٺي ويهہ دامن مرشد ويل تائين

نصيحت

تلهه: عمر وئي اجائي دنيا جي فکر ۾ - نہ ڪيوسين عمل جو اچي ڪم قبر ۾

١: دنيــــا ڪاڻ دلبـــــر رنجائي ڇڏيوسين -
مليـــو مـــوقـــعـــو پر وڃائي ڇڏيوسين
نہ گـــذري گـــهـــڙي ڪا خدا جي ذڪر ۾

٢: دنيا ڪين گڏجي هلي يار ڪنهن سان، جڳائي نہ جانب ڳنڍڻ تار تنهن سان
صفا بي وفا ٿئي ختم پل پهر ۾

٣: اهي باغ بنگلاءِ محلاتون ماڙيون، جنين ڪاڻ ٿا جان سورن ۾ ساڙيون
مچر ڪان بہ گهٽ هن خدا جي نظر ۾

۴: اڳيان سخت منزل آ سڪرات واريءِ سُجهي يار اوکي قبر جي انذاري
آهي نيٺ رهڻو ڪاري قبر ۾

۵: جتي ماءُ پيءُ، پٽ بہ بيزار ٿيندا، دلي دوست ڪنهن ڪي نہ ڪم يار ايندا
نہ اولاءِ ساٿي سُجي هن سفر ۾

٦: بقا ذات رب جي بي هر چيز فاني، سڏيون رب کي مالڪ ڪندو مهرباني
سندس اسم اوريون سدائين اندر ۾

٧: حبيبن ڪريمن سان دلڙي، لڳائي براينَ ڪنان جان پنهنجي بچائي
ڪيون وقت پورو پرين جي پچر ۾

٨: اي ادريس رک عشق الله جو تون - ذڪر ڏاهري ڪر شهنشاه جو تون
ايند و بس اهو ڪم حشر ۽ نشر ۾

مغفرت جي لاءِ دعا:

ٿلهه: بيحد بد صفارد ڏوهي ڏاڍو آهيان
بخش بديون اومنهنجون بخشڻهار - مون ۾ عيب اپار

١: نفس نياڳي جو شور آ - قلب منهنجو كمزور آ
واندو نہ آ كو وار - بيحد بد صفا رد ====

٢: قدر قرآن جو كر عطا بخش خدايا سڀ خطا
مومن كري مون مار - بيحد بد صفا رد ====


٣:پنهنجي محبت پاڻ ڏي- سهڻي نبي جي سجاڻ ڏي
قرب كري قربدار - بيحد بد صفا رد ====

۴: ميلوكراءِ محبوب سان - مدني مٺي مطلوب سان
پهچاءِ پرين جي پار - بيحد بد صفا رد ====

٥: مولا مدينو نصيب كر - جلد ڏسان دلبر جو در
ديدون ڏسن دلدار - بيحد بد صفا رد ====

٦: ادريس جا ڍك عيب تون - ڏاهريءِ كي ڏي ڏيب تون
خالق خلقڻهار - بيحد بد صفا رد ====

سلام



صلٰوة وسلام ١

يا نبي سلام عليک - يا رسول سلام عليک
يا حبيب سلام عليک - صلوٰت الله عليک

١: جي آئين جناب عالي - اي عرب، عجم جا والي
ذات تنهنجي آ نرالي،کونہ درتان ويو کو خالي
يا نبي سلام عليک

٢: ڇا چوان مان شان تنهنجو - شان بي پايان تنهنجو
سير لامکان تنهنجو - رب ميربان تنهنجو
يا نبي سلام عليک

٣: تنهنجي ذات پاڪ رحمت -تون خدا جي خاص نعمت
تنهنجي آسري آ امت تنهنجي صدقي ملندي جنت
يا نبي سلام عليک

٤: رهنما اسان جا رهبر دلربا اسان جا دلبر
اي حبيب پاڪ پرور- لله ڪا نظرِ ڪرم ڪر
يا نبي سلام عليک

٥: ڏاهري جا ڏک ختم ڪر- اي ڪريم تون ڪرم ڪر
دور درد ۽ الم ڪر معاف مشڪلاتون غم ڪر
يا نبي سلام عليک

٦: اي ادريس جا سهارا - پاڪ رب سندا پيارا
ڪر پلائي تون پلارا - معاف ڪر سيئي مونجهارا
يا نبي سلام عليک

٧: االسلام اي سڀ نبين جانبي- السلام اي واقف راز ربي
السلام اي نور نرمل نامدار - السلام اي مفلسن جا مددگار
تو متان لک لک صلوٰتون لک سلام
تا پڙهون بيهي ادب سان سڀ غلام

حبيب پاڪ تي صلوٰة و سلام ٢

سيد الانبياء تي ڪروڙين سلام
سرور اصفيا تي...............

١: جو سوا لک نبين جو سرتاج آ - ماٿيو ڪنهن محب جهڙو نہ معراج آ
اهڙو ڪنهن کي نہ ڏاتر ڏنو ڏاج آ - شاهہ هر دوسراتي
ڪروڙين سلام

٣:جنهن تي خالق ڪئي آ نبوت ختم - جنهن جو سيني ڪان آ شان اعليٰ اتم
جنهن جي خاڪ قدم جو ڪنيو رب قسم - صاحب والضحيٰ تي
ڪروڙين سلام

۴: جنهن صحابن ۾ پهريون نمبر آ ڪئيو - غار ۾ نانگ تي پير ان جو پئيو
پر هي حبدار هرگز نہ پوئتي هٽيو - بوبڪر با وفا تي
ڪروڙين سلام

٥: جنهن تي راضي خدا ۽ خدا جو رسول
جنهن جي دعا تي ڪرم سان ڪئي قادر قبول
جنهن عدالت جو قائم ڪيو اعليٰ اصول
تنهن عمر دلربا تي
ڪروڙين سلام

٦: جنهن کيو عشق سان جمع قرآن آ - جنهن تي مالڪ هميشه مهربان آ
سو نبي پاڪ جونياڻو عثمان آ - تنهن سراپا حيا تي
ڪروڙين سلام

٧: پاڪ پرور جو پيارو آشير خدا - دلربا ۽ دلارو آشير خدا
سونهن وارو سو پيارو آشير خدا- مير مشڪل ڪشا تي
ڪروڙين سلام

٨: مصطفيٰ ميرجون چار نياڻيون پليون - باعمل سمجهه واريون سياڻيون پليون
جن ڪيو پنهنجي پيءُ سان رهاڻيون پليون - تن جي عز عُلا تي
ڪروڙين سلام

٩: جملي اولاد ازواج اطهار تي - خاص خاتون جنت جي دلدار تي
يعني حضرت حسن محب منثار تي - بحر جود سخا
تي ڪروڙين سلام

١٠: ٻيو ٻچو مصطفيٰ جي ڪلهن جو سوار - يعني حضرت حسين ابن حيدر ڪرار
جنهن ملهايو هو ميدان حق تي هوشيار - هادي حق نما تي
ڪروڙين سلام

١١: صاحب فيض وبرڪات عالي جناب - پير پيرن جو پيارو آعزت مآب
علم ۽ عشق جو بي مثل آفتاب - پياري غوث الوريٰ تي
ڪروڙين سلام

١٢: بي مثل رب جو محبوب آ بي مثال جنهن جو همسر دنيا ۾ ملڻ آ محال
شان ڳائڻ جي " ادريس" ڪي ڇا مجال - بي مثل مصطفيٰ تي
ڪروڙين سلام

مصنف جا ڇپيل ڪتاب

- تفسير احسن البيان مڪمل9 جلد
- الاربعين في فضائل الخلفاء الراشدين
- جامر تصوف
- سيرت بادشاهہ بغدادي
- التحفة المرضية شرح القصيدة الغوثيہ
- ترجمہ مدح نامہ سنڌ
- سيرت فاروق اعظم
- سيرت حيدرِڪرار
- سيرت اويس قرني
- ماڻڪ موتي لال
- التحرير المقبول في اخبار اولاد الرسولﷺ
- فضائل مسواڪ
- نماز جي اهميت
- شاهہ جو چونڊ شعر ۽ سنڌن مختصر سوانح حيات
- ترجمہ النفحات الباهرة (فارسي)
- دلائل ختم نبوت
- مفتاح السرورفي تحقيق مسئلة النور
- مناقب الصالحين
- احسن التشريح لبردة المديح
- الدولة الڪبريٰ شرح اسماءَ الله الحسنيٰ
- تحفة الحجاج
- الله جو احسان شرح قصيده نعمان
- احسن التحقيق في سيرت الصديق
- سيرت عثمان غني
- قادري تحفہ
- مومنن جي ماءُ سيدة عائشہ رضي الله عنها
- سيرت الحسنين
- ترجمہ رسالہ نور
- ترجمہ الباقيات الصالحات
- سيرت شهيد گرهوڙي عليہ الرحمة
- محبوب جون محبوب دعائون
- دلائل نزول المسيح
- ڪرامات امامِ رباني
- مجموعة الاشعار (جيڪو اوهان جي هٿ ۾ آهي)